سال (18) چنڇر 15 نومبر 2025ع 23 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (55)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 15 نومبر 2025ع 23 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (92)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Saturday 15th November 2025

آئين جي بالادستي قائم ٿي ته ٻن ججن جو ضمير جاڳي پيو، اطهر من الله مشرف جو ساٿي هو: خواجا آصف

27هين ترميم پاس ٿيڻ تي استعيفيٰ ڏني، نواز شريف کي اقتدار تان هٽائڻ جو عمل شروع ٿيو ته سپريم ڪورٽ جا جج سازش ۾ شامل ٿي ويا

سپريم ڪورٽ جي اڳوڻي چيف جسٽس ثاقب نثار 2 بينچون جوڙيون، جن اڳوڻي وزيراعظم کي نااهل قرار ڏنو هو

انهن بينچن ۾ آصف سعيد کوسا، گلزار احمد، اعجاز الاحسن شامل هئا، نواز شريف جي نااهلي کانپوءِ هڪ ٻي بينچ جوڙي وئي

جنهن طئي ڪيو ته نااهلي ڪيتري هوندي، بينچ قرار ڏنو ته ڪو نااهل شخص ڪنهن سياسي جماعت جو سربراهه نٿو بڻجي سگهي

جسٽس اطهر من الله کي جمهوريت جو خيال آيو پر هو پرويز مشرف جي ڪيبنيٽ ۾ شامل هو، سندس ماءُ جنرل ضياءَ جي دور ۾ مجلس شوريٰ ۾ شامل هئي

اسلام آباد(م ڊ)بچاءَ واري وزير خواجا آصف | سپريم ڪورٽ مستعفي ججن جسٽس | منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله جي تنقيد ڪئي آهي سينيٽ اجلاس ۾ | ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته 27هين ترميم پاس ٿي وئي، جنهن خلاف احتجاجي | طور ٻن ججن استعيفيٰ ڏني نواز شريف کي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

اي چالان سبب حادثن ۾ گهٽي گهٽتائي آئي آهي: ڊي آءِ جي ٽريفڪ

ڪراچي (اسپورٽس رپورٽر) اي چالان سبب حادثن ۾ گهٽي گهٽتائي آئي آهي، چالان | بابت ڏنڊن جي حد وارو قانون سنڌ اسيمبلي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت جي پهرئين چيف جسٽس، جسٽس امين الدين خان ۽ ٽن ججن حلف کڻي ورتو

صدر آصف زرداري چيف جسٽس کي حلف کڻايو، وزيراعظم، نائب وزيراعظم، ڊار، سينيٽ چيئرمين، قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سميت وفاقي وزير ۽ پارليامينٽ ميمبر شريڪ ٿيا

تقريب ۾ چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، سميت پاڪ بحريه ۽ فضائيه جي سربراهن، سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ اعليٰ عدليه جي ججن پڻ شرڪت ڪئي

ان کان اڳ قانون واري وزارت وفاقي آئيني عدالت جي مقرر ٿيل ججن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو، نوٽيفڪيشن موجب وفاقي آئيني عدالت جا 6 جج هوندا

وفاقي آئيني عدالت ججن جسٽس حسن اظهر رضوي، جسٽس عامر فاروق، جسٽس علي باقر نجفي، جسٽس ڪي ڪي آغا، جسٽس روزي خان ۽ جسٽس ارشد حسين شاهه شامل

هي تقريب دوران وفاقي آئيني عدالت جي پهرئين چيف جسٽس امين الدين خان پنهنجي عدالت جي ٽن ججن جسٽس حسن اظهر رضوي، جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس علي باقر نجفي کان حلف ورتو

اسلام آباد (اي پي پي) جسٽس امين الدين خان وفاقي آئيني عدالت جي پهرين چيف | جسٽس جي طور تي حلف کڻي ورتو صدر آصف علي زرداري ڪانسٽي ٽيوشن قائم ٿيڻ | آئيني عدالت جي چيف جسٽس جي عهدي جو حلف ورتو ڪالهه جمعي ڏينهن ايوان | صدر ۾ حلف برداري جي پروقار تقريب ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف، نائب | وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار سينيٽ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري وفاقي آئيني عدالت جي پهرئين چيف جسٽس امين الدين خان کان حلف وٺڻ بعد دستاويز تي صحيحون ڪري رهيو آهي، سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس يحيٰ آفريدي ۽ وزيراعظم شهباز شريف پڻ موجود آهي

صدر پاران جسٽس منصور ۽ جسٽس اطهر من الله جون استعيفائون منظور

27هين ترميم جي معاملي تي جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله استعيفائون ڏنيون هيون

جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله پنهنجون استعيفائون صدر کي موڪليون هيون

صدر آصف علي زرداري ٻنهي ججن جون استعيفائون منظور ڪري ورتيون آهن: پڌرائي

اسلام آباد(م ڊ)صدر آصف علي زرداري | سپريم ڪورٽ جي جسٽس منصور علي | شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله جون بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت انصاف جي فراهمي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي: اسپيڪر سردار اياز صادق

منصفاڻو ۽ موثر انصاف وارو نظام ئي مضبوط جمهوريت ۽ ملڪي ترقي جو بنياد آهي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جسٽس امين | الدين خان کي وفاقي آئيني عدالت جي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سون جي اگهه ۾ هزارين ربيا لاٿ رڪارڊ

ڪراچي(م ڊ)جمعي ڏينهن سون جي اگهه بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

آزاد ڪشمير جي وزيراعظم خلاف بي اعتمادي رٽ جمع، پ پ طرفان فيصل راٺور نامزد

پيپلز پارٽي آزاد ڪشمير جي وزيراعظم چوهدري انوارالحق خلاف بي اعتمادي جي رٽ جمع ڪرائي

وزيراعظم لاءِ فيصل ممتاز راٺور کي نامزد ڪري ڇڏيو آهي: راجا پرويز اشرف

اسان جا نمبر مڪمل آهن ۽ اسان آزاد ڪشمير ۾ حڪومت ٺاهينداسين

مظفرآباد(م ڊ)پاڪستان پيپلز پارٽي آزاد | ڪشمير جي وزيراعظم چوهدري انوارالحق خلاف عدم اعتماد جي تحريڪ جمع | ڪرائي ڇڏي آهي ۽ وزيراعظم لاءِ فيصل بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف سان ثقافت ۽ قومي ورثي واري وفاقي وزير اورنگزيب کچي جي ملاقات

اسلام آباد(اي پي پي) وزيراعظم محمد بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري سان تاجڪستان جي دفاع واري وزير ڪرنل سوبر زوده امام علي عبدالرحيم جي ملاقات

اسلام آباد(اي پي پي)صدر آصف علي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: تاجڪستان جو دفاع وارو وزير ڪرنل جنرل صابرزاده امام علي عبدالرحيم صدر آصف علي زرداري سان ملاقات ڪري رهيو آهي

سينيٽ ۾ آرمي، ايئر فورس، نيوي، ۽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ترميمي بل منظور

اسحاق ڊار آرمي ايڪٽ 1952 ۾ وڌيڪ ترميم لاءِ اپر هائوس ۾ هڪ بل پيش ڪيو جيڪو ايوان منظور ڪيو

ايوان ۾ ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري پاران پيش ڪيل سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ترميمي بل 2025 پڻ منظور

پاڪستان نيوي آرڊيننس 1961 ۾ وڌيڪ ترميم جو بل خواجه آصف پيش ڪيو اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو

اسلام آباد(م ڊ)پاڪستان جي اپر هائوس (سينيٽ) فوج، هوائي فوج، بحريه ۽ مشق ۽ طريقيڪار ترميمي بلن کي وڏي اڪثريت سان منظور ڪري ورتو ڏيکي وزيراعظم اسحاق ڊار 27 هين ترميم تحت هٿياربند فوج جي نظام ۾ تبديلين جي تناظر ۾ آرمي ايڪٽ 1952 ۾ وڌيڪ ترميم لاءِ اپر | هائوس ۾ هڪ بل پيش ڪيو ايوان بل کي | بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

آرمي چيف سان تاجڪستان جي دفاعي وزير جي ملاقات، سيڪيورٽي لاڳاپا مضبوط بڻائڻ تي اتفاق

ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن، علائقائي سلامتي ۽ ٻطرفي دفاعي تعاون تي ڳالهيون ڪيون ويون

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف آرمي | بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وفاقي شرعي عدالت پنهنجي عمارت آئيني عدالت کي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

وفاقي شرعي عدالت ۾ 27 هين ترميم کان پوءِ قائم ٿيل آئيني عدالت جي ججن کي جاءِ ڏيڻ جي ڳالهه ٿي رهي هئي

وفاقي شرعي عدالت پنهنجي عمارت وفاقي آئيني عدالت کي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

شرعي عدالت جي انڪار جي ڪري آئيني عدالت جو چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ڪمري نمبر 1 ۾ ويهندو

اسلام آباد(م ڊ) وفاقي شرعي عدالت پنهنجي عمارت وفاقي آئيني عدالت کي | ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي وفاقي شرعي عدالت ۾ 27 هين ترميم کان پوءِ | قائم ٿيل آئيني عدالت جي ججن کي جاءِ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جهيڙي دوران فائرنگ جي واقعي ۾ نوجوان قتل ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گلشن بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: رٿابندي ۽ ترقي وارو وفاقي وزير احسن اقبال ماهوار ترقياتي رپورٽ بابت ميڊيا کي بريفنگ ڏئي رهيو آهي

وڏي وزير پاران جناح اسپتال جي سربراهه پروفيسر ڊاڪٽر شاهد رسول جي لاڏاڻي تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اپوزيشن اتحاد پاران 27هين ترميم غير آئيني قرار، ڪارو ڏينهن ملهائڻ ۽ مارچ جو اعلان

محمود اچڪزئي جي صدارت هيٺ اجلاس، اختر مينگل، علامه راجا ناصر عباس، شاهد خاقان ۽ ٻين جي شرڪت

ترميمون آئين جي بنيادي ڍانچي ۽ عدليا تي حملو آهن، جنهن خلاف جمهوري مزاحمت جاري رهندي: پڌرائي

پڌرائيءَ ۾ جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله کي استعيفيٰ ڏيڻ تي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

اسلام آباد(م ڊ)اپوزيشن اتحاد 27هين ترميم کي غير آئيني قرار ڏيندي مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو ۽ اعلان ڪيو آهي ته ايندڙ جمعي تي سڄي ملڪ ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويندو محمود اچڪزئي جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ اختر مينگل علامه بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پي آءِ ڊي جي ڊائريڪٽر جنرل ارم تنوير آءِ بي اي جي ڊاڪٽر توحيد کي شيلڊ ڏئي رهي آهي

سعودي عرب پاران بنگلاديش جي 03 لک ماڻهن کي روزگار فراهم ڪرڻ جو معاهدو

سياحتي منصوبن ۽ صحت جي شعبن ۾ روزگار جي حوالي سان معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون

ملازمت دوران پيدا ٿيل مسئلن ۽ تڪرار جي حل لاءِ هر قدم کنيا ويا آهن: سعودي سفير

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي وڏي ترقياتي ۽ سياحتي منصوبن کان علاوه صحت بابت شعبن ۾ بنگلاديش جي هنرمند ماڻهن لاءِ وڏي تعداد ۾ روزگار جي موقعن جي حوالي سان گڏيل ڏينهن معاهدي تي صحيحيون ڪيون ويون آهن پرڏيهي ميڊيا موجب معاهدي تي مملڪت بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت تعليم لاءِ اهم قدم کڻي پئي، ڪراچي ۾ وڏا ترقياتي منصوبا جاري آهن: شرجيل ميمڻ

شهر ۾ 9 وڏا منصوبا 7.66 ارب روپين جي لاڳت سان مڪمل ٿين پيا، ڪي ڊي اي جا 76 منصوبا هلن پيا

پروجيڪٽ تحت صوبي ۾ 528 اسڪولن کي ماحول دوست ٽيڪنالاجي سان اپ گريڊ ڪيو ويو آهي

سنڌ ارلي لرننگ انهانسمينٽ پروگرام تحت 12 ضلعن ۾ ساڍا 21 هزار استادن کي تربيت ڏني وئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته | ڪراچي ۾ شهري ترقي جا ڪيترائي وڏا منصوبا تيزي سان جاري آهن شهر ۾ 9 | وڏا منصوبا 7.66 ارب روپين جي لاڳت سان بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: پاڪستان ۽ سريلنڪا جي ڪرڪيٽ ٽيمن جي وچ ۾ ميچ دوران اسٽيڊيم ٻاهران سيڪيورٽي سخت ڪيل آهي

سڄي چڪتاڻ چيف جسٽس بڻجڻ لاءِ آهي، اها استعيفائون ڏيڻ واري: ملڪ احمد خان

ملڪ ۾ آئيني عدالت تمام ضروري آهي، پارليامينٽ کي بااختيار بڻائڻو پوندو

ان کي ججن جي مقرري جو اختيار هجڻ گهرجي، تقرري ڪيئن ٿيندي؟

هاءِ ڪورٽ ڪيئن نهندي؟ هي اختيار پارليامينٽ وٽ هجڻ گهرجي

عدالتي فيصلن ذريعي پارليامينٽ کي پنهنجا اختيار محدود ڪري ڪنڊ ۾ بند ڪيو ويو

ڪراچي(م ڊ)پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر ملڪ احمد خان چيو آهي ته وڌيڪ | استعيفائون ملنديون هي چيف جسٽس بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اڳوڻو سيشن جج محمد حفيظ وفاقي آئيني عدالت جو رجسٽرار مقرر

چيف جسٽس امين الدين خان اڳوڻي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج کي رجسٽرار مقرر ڪيو

جسٽس امين الدين، مظهر ڀٽي سيڪريٽري ٿو چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت مقرر

اسلام آباد(م ڊ)وفاقي آئيني عدالت جي پهرئين چيف جسٽس امين الدين خان | پنهنجو پهريون فيصلو ڪندي وفاقي آئيني بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سياسي جلسي يا لانگ مارچ ۾ سرڪاري وسيلن جو استعمال نه ڪيو وڃي: پشاور هاءِ ڪورٽ

سرڪاري مشينري ۽ وسيلن جو سياسي مقصدن لاءِ استعمال ضابطن جي ڀڃڪڙي آهي

صوبائي حڪومت جلسن ۽ مارچن ۾ سرڪاري وسيلن جو استعمال ڪندي رهي آهي: درخواستگذار

عدالت سرڪاري مشينري کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي

پشاور(م ڊ)پشاور هاءِ ڪورٽ احتجاجي ريلين، لانگ مارچ ۽ سياسي جلسن ۾ | سرڪاري مشينري ۽ وسيلن جي استعمال بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ماحولياتي تبديلي وارو وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

آمريڪي سفير جي اسحاق ڊار سان ملاقات، ٻطرفي لاڳاپن ۽ علائقائي صورتحال تي ڳالهيون

اسحاق ڊار پرڏيهي وزارت ۾ آمريڪي ناظم الامور نيٽالي بيڪر سان ملاقات ڪئي

پاڪ آمريڪا ٻطرفي لاڳاپن، اقتصادي تعاون ۽ علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

نائب وزيراعظم پاڪستان ۾ آمريڪي ڪمپنين جي وڌندڙ دلچسپي جي آجيان ڪئي

آئي ٽي ۽ اهم معدنيات جي شعبن ۾ سيڙپڪاري وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو

اسلام آباد(م ڊ)نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار اڄ پرڏيهي | وزارت ۾ آمريڪي ناظم الامور نيٽالي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ميرپوربرڙو واسي مزدا ڊرائيور بلوچستان ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل

ٽرڪ ڊرائيور عطا حسين مهر نوتال واري علائقي ۾ فائرنگ سبب مارجي ويو

ڌوهاڙي وين کان ڦر ڪري وڃي رهيا هئا ته پوليس ۽ ڌوهارين ۾ آمهون سامهون فائرنگ ٿي

ڌوهارين مزدا مٿان انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪئي جنهن ۾ مزدا ڊرائيور کي قتل ٿي ويو

مڙهه ضروري قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر پهچڻ تي ڪهرام

ميرپوربرڙو(ن س)ميرپوربرڙو واسي ڳوٺ خاوند ڏنو مهر واسي پوليس اهلڪار الاهي | بخش مهر جو نوجوان پٽ ٽرڪ ڊرائيور بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سٽي ڪورٽ ۾ وڪيلن جي هڙتال، عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ

احتجاج دوران وڪيلن عدالت جا دروازا بند ڪري ڇڏيا، ڪنهن به سائل کي داخل ٿيڻ نه ڏنو

جسٽس اطهر من الله ۽ جسٽس منصور علي شاهه سان يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا: عامر وڙائچ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار ايسوسيئيشن پاران سٽي ڪورٽ ۾ مڪمل | هڙتال ڪئي وئي ڪراچي بار جي صدرعامر بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اڄون سنڌ لٽريچر فيسٽيول اڄ شروع ٿيندو، تياريون مڪمل

فيسٽيول جو افتتاح چيف گيسٽ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪندو

مختلف موضوعن تي سيشن رٿيل، سيف سميجو ۽ صنم ماروي ۽ ٻيا سُر رکيرينداا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڄون سنڌ لٽريچر فيسٽيول اڄ بيچ لگزري هوٽل ڪراچي ۾ | شروع ٿي رهيو آهي "Celebrate the ". بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جناح اسپتال جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر شاهد رسول لاڏاڻو ڪري ويو

دل جو دورو پوڻ سبب کيس خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هن دم ڏني حوالي ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جناح اسپتال جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پروفيسر شاهد رسول | جمعي ڏينهن صبح 10 وڳي دل جو دورو بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ 35هين نيشنل گيمز جي شاندار ٽارچ ريلي وڏي وزير مشعل کڻي افتتاح ڪيو

راندين جا مقابلا 6 کان 13 ڊسمبر تائين ڪراچيءَ جي 24 معياري جاين تي منعقد ٿيندا

ويهه سالن کانپوءِ نيشنل گيمز جي ميزباني کي يادگار ۽ شاندار نموني سان ادا ڪرڻ لازمي آهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جمعي ڏينهن | بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سجاس ۽ ٽريفڪ پوليس جي سهڪار سان منعقد ٿيل روڊ سيفٽي ورڪشاپ ۾ ڊي آءِ جي ٽريفڪ پير محمد شاهه کي شيلڊ پيش ڪئي پئي وڃي

گورنر پاران جناح اسپتال جي سربراهه ڊاڪٽر شاهد رسول جي وفات تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

'پينشن وچ ۾ ڏهه مهينن جو فرق جو آهي' نادرا پاران عورت کي سڃاڻپ ڪارڊ ڏيڻ کان انڪار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پينشن جي وچ ۾ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سپريم ڪورٽ جو فل ڪورٽ اجلاس، 17 ججز جي شرڪت، جسٽس منيب ۽ جسٽس عائشه شريڪ نه ٿيا

چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي صدارت هيٺ فل ڪورٽ جو اجلاس، 19 مان 17 جج شريڪ ٿيا

فل ڪورٽ جي اجلاس ۾ جسٽس منيب اختر ۽ جسٽس عائشه ملڪ شرڪت نه ڪئي

سپريم ڪورٽ جي فل ڪورٽ اجلاس ۾ سپريم ڪورٽ رولز 2025 ۾ ترميمن جي منظوري ڏني وئي

اسلام آباد(م ڊ)سپريم ڪورٽ جي فل ڪورٽ اجلاس ۾ سپريم ڪورٽ رولز | 2025 ۾ ترميمن جي منظوري ڏني وئي فل ڪورٽ اجلاس چيف جسٽس آف | پاڪستان يحيٰ آفريدي جي صدارت هيٺ بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني قومي اسيمبلي جو اسپيڪر اياز صادق پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس جي حلف برداري تقريب ۾ شريڪ آهن

پاڪستان پاران دهشتگردن جي خاتمي تائين افغانستان سان واپار بند رکڻ جو اعلان

اسان ڪابل ۾ ڪنهن حڪومت سان ڳالهين کان پاسو ناهي ڪيو پر ڪنهن دهشتگرد گروهه سان ڳالهيون نه ٿينديون: پرڏيهي ترجمان

پاڪستان ڪنهن به دهشتگرد گروهه پيلي اهو ٽي ٽي پي هجي يا بي ايل اي، ڳالهيون نه ڪندو

طالبان جي اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ پاڪستان تي حملن ۾ واڌ ٿي، نقصان باوجود اسان صبر جو مظاهرو ڪيو

اسلام آباد(م ڊ)پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان طاهر حسين اندرابي واضح ڪيو آهي ته | پاڪستان ڪڏهن به ڪابل ۾ ڪنهن حڪومت سان ڳالهين کان پاسو ناهي ڪيو | پر ڪنهن دهشتگرد گروهه سان ڳالهيون نه ٿينديون هفتيوار بريفنگ ڏيندي طاهر بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪي پي حڪومت پاران پهرين تاريخ کان اڳ پگهارن جي ادائيگي تي پابندي لاڳو

ڪي پي حڪومت پهرين تاريخ کان اڳ پگهارن جي ادائيگي تي پابندي لاڳو ڪئي

ناڻي کاتي پگهارن جي پهرين تاريخ کان اڳ ادائيگي تي پابندي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو

آڪٽوبر جي آخري تاريخن ۾ ادائيگيون ڪيون ويون، جنهن سبب مسئلا پيش آيا

پگهارون ۽ پينشن هر مهيني جي پهرين تاريخ تي جاري ڪيون وڃن: نوٽيفڪيشن

پشاور(م ڊ)خيبر پختونخواهه حڪومت پهرين تاريخ کان اڳ پگهارن جي ادائيگي | تي پابندي هٽي ڇڏي صوبائي ناڻي کاتي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڀارتي هوائي فوج جو پي سي-7 جهاز ڪري تباهه

ڪراچي(م ڊ)ڀارتي هوائي فوج (آءِ اي ايف) جو هڪ پليٽ فارمز پي سي-7 تربيتي جهاز چنائي جي چينگلپٽو ضلعي ۾ ڪري تباهه ٿي ويو ڀارتي ميڊيا موجب، حادثو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

27 ترميم غير قانوني ۽ غير آئيني آهي، سپريم ڪورٽ جا مڪمل اختيار ختم ڪيا ويا آهن: ڪراچي بار

73 جو آئين بهتر آهي، جنهن ۾ هر اداري جو پنهنجو پنهنجو ڪردار رهيو، 18 ترميم به بهتر آئي

پي سي او تحت سول ملٽري نظام اڏيو پيو وڃي، وڪلن پاران سڄي ملڪ ۾ تحريڪ هلائي ويندي

اڄ سکر ۾ وڪلا ڪنونشن ٿيندو جنهن ۾ پيدا ٿيل آئيني بحران خلاف لائحه عمل جوڙينداسين: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن جي سٽي ڪورٽ | ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پيدا ٿيل آئيني بحران خلاف لائحه عمل جوڙيو | ويندو اڄ 15 تاريخ تي سکر ۾ وڪلا بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: سنڌ بار ڪائونسل جي اپيل تي 27 هين ترميم خلاف هڙتال جي موقعي تي عدالتون ويران نظر اچي رهيون آهن ٻئي طرف وڪيل احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌ پوليس ۽ چانڊڪا انسٽيٽيوٽ وچ ۾ شهيد اهلڪارن جي اولاد کي مفت طبي تعليم ڏيڻ لاءِ ياداشت صحيحون

آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي موجودگي ۾ ياداشت نامي تي صحيحون، شاگردن کي ليپ ٽاپ ۽ استادن کي سندون تقسيم ڪيون ويون

ڊگري پروگرامن ۽ 12 شارٽ ڪورسز ۾ شهيدن جي اولاد لاءِ ساليانه مفت داخلا حاضر سروس اهلڪارن لاءِ 50 سيڪڙو رعايت

چانڊڪا انسٽيٽيوٽ جي قدم جي واکاڻ، ٻين ادارن کي به پوليس اهلڪارن جو ڀرجهلو بڻجڻ جي اپيل

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ پوليس غلام نبي ميمڻ جي موجودگيءَ ۾ سنڌ | پوليس ۽ لاڙڪاڻي جي چانڊڪا انسٽيٽيوٽ آف نرسنگ اينڊ الائيڊ هيلٿ | سائنسز وچ ۾ شهيد پوليس آفيسرن ۽ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ چانڊڪا انسٽيٽيوٽ آف نرسنگ ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائي رهيو آهي

حيدرآباد ۾ او جي ڊي سي پساڪي-14 ڊولپمينٽ ويل مان تيل جي پيداوار جو آغاز ڪري ڇڏيو

ذخيرن کي صحيح طور ڳولڻ لاءِ کوهه کي 2,183 ميٽر هيٺ تائين کوٽيو ويو آهي

پساڪي-14 کوهه روزانو 1,100 بيرل تيل پيدا ڪري رهيو آهي، او جي ڊي سي ترجمان

اسلام آباد(پ ر) آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ | بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

روس جي اثاثن جو استعمال يوڪرين جي مدد جو بهترين طريقو آهي: يورپي ڪميشن

هي صورت اها آهي ته يورپي يونين پنهنجي بجيٽ جي اضافي حصي مان فنڊ فراهم ڪري

برسلز (اي پي پي) يورپي ڪميشن جي سربراهه ارسولافون ڊير لائن چيو آهي ته | يورپي يونين جي ميمبر ملڪن وٽ يوڪرين بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ڌماڪي ۾ ملوث ٽي ٽي پي جو 4 رڪني دهشتگرد ٽولو گرفتار

گرفتار ڪيل فتنه الخوارج جو جوابدار ساجد الله عرف شينا خودڪش حملي آور جو هينڊلر هو

افغانستان ۾ موجود ٽي ٽي پي ڪمانڊر سعيد الرحمن عرف داد الله ٽيليگرام ذريعي حملو ڪرائڻ لاءِ حڪم ڏنو هو: شينا

داد الله ساجد الله کي خودڪش بمبار عثمان عرف "قاري" جون تصويرون موڪليون ته جيئن هو کيس پاڪستان ۾ رهنمائي ڪري سگهي

اسلام آباد(م ڊ)وفاقي راڄڌاني ۾ ڪچهري تي ٿيل خودڪش حملي ۾ ملوث ٽي ٽي | پي فتنه الخوارج جي دهشتگرد سيل جا 4 ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا آهن هي | ڪارروائي انٽيليجنس بيورو ڊويزن ۽ سي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سان هنگري، فرانس، نيدرلينڊس ۽ يورپي يونين سفيرن جي ملاقات، ٻه طرفي سهڪارتي اتفاق

ملاقاتن ۾ موئن جو دڙو، مڪلي، چوکنڊي ۽ سنڌ جي ٻين قديم ورثن جي ترقيءَ ۽ تحفظ بابت ڳالهيون

پرڏيهي اڳواڻن پاران تعليم، ٽيڪنالاجي ۽ ماحوليات ۾ گڏيل ورڪنگ گروپ ٺاهڻ تي اتفاق ڪيو ويو

سنڌي 5 هزار سال پراڻي تهذيب جا وارث آهن، اسان جو ورثو انسانيت جي ابتدائي تاريخ سان جڙيل آهي: وڏو وزير

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) وزيراعليٰ هائوس ۾ جمعي ڏينهن سفارتي سطح تي اهم ملاقاتون ٿيون جتي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هنگري، فرانس، نيدرلينڊس ۽ يورپي يونين جي سفيرن سان | ٻه طرفي سهڪار سيڙپڪاري، ورثي جي حفاظت ۽ سماجي ترقي بابت تفصيلي | ڳالهه ٻولهه ڪئي، ملاقاتن ۾ صوبائي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ملير ۾ جوابدارن ڪهاڙين هڻي نوجوان کي قتل ڪري ڇڏيو ندي مان لاش هٿ آيو

کوهي ڳوٺ جي علائقي ۾ نوجوان 23 سالن جي ياسين پنهور جو لاش سکڻ ندي وٽان مليو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو پوسٽ مارٽم بعد مڙهه وارثن حوالي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ شاهه لطيف ٿاڻي جي حد کوهي ڳوٺ جي | علائقي اڪمل پاڙي ۾ سکڻ ندي وٽ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

لاهور: روڊ ڪناري هڪ عورت هيلمٽ ٺيڪ ڪري رهي آهي

ڪراچي ۾ اسٽرڪ ايسڊ جي آڙ ۾ اسمگل ڪيل مونوسوڊيم گلوٽاميٽ هٿ

ڳجهي اطلاع تي ڪسٽم اينٽي اسمگلنگ ٽيم يونائيٽيڊ ٽريڊرز جي گودام تي ڇاپو

گودام مان 2 ڪروڙ 25 لک ماليت جو پابندي مڙهيل سوڊيم گلوٽاميٽ ضبط ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان ڪسٽمز | بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

پشاور ۾ ڪي پي جي 9 مئي تي ريڊيو پاڪستان تي حملي جي جاچ لاءِ ڪميشن جوڙڻ جو اعلان

ڪميشن سي سي ٽي وي سميت سڀئي ثبوت گڏ ڪندي ڪابينا کي رپورٽ پيش ڪندي: سهيل آفريدي

سود کان پاڪ خيبر پختونخواهه موجوده حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي

اسان خيبر پختونخواهه کي سود جي لعنت کان نجات ڏيارڻ لاءِ پاليسي ٺاهي رهيا آهيون

پشاور(م ڊ)خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي ريڊيو پاڪستان پشاور تي 9 | مئي تي حملي جي جاچ لاءِ جاچ ڪميشن قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو جي وڏي وزير جي | صدارت هيٺ صوبائي ڪابينا جو اجلاس بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

Daily Ibrat Hyderabad Saturday 15th November 2025

بقايا 1 ڊي آءِ جي ٽريفڪ

ڏاهيو آهي. رليف به اتان ئي ملندو ڊي آءِ جي ٽريفڪ ۽ چيئرمين اسپورٽس بورڊ سنڌ پوليس سيد پير محمد شاهه اسپورٽس جرنلسٽس ايسوسيئيشن آف سنڌ (سجاس) جي ميمبرن لاءِ منعقده ”روڊ سيفٽي“ ورڪشاپ دوران ڪيو. ورڪشاپ ۾ پاڪستان اسپورٽس رائيٽرز فيڊريشن جي سيڪريٽري جنرل اصغر عظيم سجاس جي صدر محمود رياض سيڪريٽري شاهد عثمان ساٿي سميت ٻين عهديدارن ۽ ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي محمود رياض سجاس پاران ميمبرن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ کيل قدمن بابت شرڪت ڪندڙن کي آگاهه ڪيو. جڏهن ته شاهد عثمان ساٿي چيو ته ورڪشاپ جو مقصد ٽريفڪ سڌارن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ آهي. ڊي آءِ جي ٽريفڪ جو چوڻ هو ته گذريل سال جي آخر ۾ ٽريفڪ حادثن ۾ واڌ سبب سنڌ حڪومت قانونن ۾ سڌارا آڻڻ جو فيصلو ڪيو. ڪراچي ۾ صرف انهن روڊن تي ئي اي چالان ٿي رهيا آهن جن جو انفرااسٽرڪچر بهتر آهي. اي چالان تي تنقيد ڪندڙن کي جواب ڏيو ته ان ۾ ٽريفڪ پوليس جو ڪو ڪردار ناهي اسان ته شهر جي ٽريفڪ ۾ نظم ۽ ضبط پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ڇا سرجاني، نيو ڪراچي، لانڍي يا ڪورنگي جهڙن علائقن ۾ جتي روڊ تباهيءَ جو منظر پيش ڪري رهيا آهن اتي اي چالان ٿي رهيا آهن؟ لاهور سان اي چالان جو مقابلو ڪندڙ ڪجهه ڏينهن اڳ پنجاب ڪابينا کان منظور ٿيل قانوني مسودي کي به ڏسن. اي چالان جا ڏنڊ سنڌ حڪومت صوبائي اسيمبلي جي منظوري بعد قانوني صورت ۾ لاڳو ڪيا آهن. تنقيد ڪندڙ رليف لاءِ به سنڌ اسيمبلي ۾ وڃن. باقي اي چالان سبب شهرين ۾ قانونن بابت هڪ نئون شعور بيدار ٿي رهيو آهي. پهرئين مهيني ۾ ٿيندڙ اي چالان اندر ٽيڪنگ کان پوءِ 90 سيڪڙو معاف ڪيا ويا آهن. اي چالان مان حاصل ٿيندڙ آمدني جو 15 سيڪڙو ٽريفڪ پوليس اهلڪارن ۾ ورهايو ويندو جڏهن ته 15 سيڪڙو سڌارن جي عمل لاءِ رکيو ويندو. سنڌ حڪومت کي ٽريفڪ سڌارن لاءِ هڪ نئين ڪميٽي ٺاهڻ جي تجويز ڏني آهي باقي 70 سيڪڙو رقم جو استعمال سنڌ حڪومت جو اختيار آهي. ٽريفڪ پوليس غيرقانوني پارڪنگ جي مسئلن جي حل لاءِ هڪ ايپ تي ڪم ڪري رهي آهي جنهن جي ذريعي غيرقانوني پارڪنگ ڪندڙن جو اي چالان ممڪن ٿي سگهندو. هڪ ٻي ايپ تي به ڪم هلي رهيو آهي جنهن سان شهري پنهنجي موبائل فونز ذريعي پنهنجي علائقن ۾ ٽريفڪ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن جي گاڏين، موٽر سائيڪلن ۽ ڊرائيورن جون تصويرون اي چالان جي مرڪزي آفيس ڏانهن موڪلي سگهندا. ڊي آءِ جي ٽريفڪ اعتراف ڪيو ته شروعات ۾ ڪجهه غلطيون ٿيون جن تي ڪم جاري آهي. هن وڌيڪ چيو ته ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن بابت به ڪجهه تجويزون زير غور آهن. هاڻي اي چالان سبب شهري نه فقط قانونن جي پاسداري ڪري رهيا آهن پر ٻين کي به آگاهي ڏئي رهيا آهن ۽ اهو ئي اي چالان جي ڪاميابي آهي. ورڪشاپ جي پڄاڻيءَ تي شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا ۽ سجاس ميمبرن کي لوڪ سهائتا طرفان هيلمٽ جو تحفو پيش ڪيو ويو.

بقايا 2 حلف کڻي ورتو

چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني، قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق، وفاقي وزير ۽ پارليامينٽ ميمبر شريڪ ٿيا. تقريب ۾ چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي جنرل ساحر شمشاد مرزا سميت پاڪ بحريه ۽ فضائيه جي سربراهن، سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي چيف جسٽس محمد يحيٰ آفريدي ۽ اعليٰ عدليه جي ججن کانسواءِ اعليٰ سرڪاري عملدار پڻ شريڪ ٿيا. هوڏانهن پاڪستان جي پهرين وفاقي آئيني عدالت جي ٽن ججن به حلف کڻي ورتو. وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس امين الدين خان ٽنهي ججن کان حلف ورتو. وفاقي آئيني عدالت جي ٽن ججن جي حلف برداري تقريب اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بلڊنگ ۾ ٿي جنهن ۾ وفاقي آئيني عدالت جي پهرئين چيف جسٽس امين الدين خان پنهنجي عدالت جي ٽن ججن جسٽس حسن اظهر رضوي، جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس علي باقر نجفي کان حلف ورتو. ان کان اڳ قانون واري وزارت وفاقي آئيني عدالت جي ججن جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو. نوٽيفڪيشن موجب وفاقي آئيني عدالت جا 6 جج هوندا، جن ۾ جسٽس حسن اظهر رضوي، جسٽس عامر فاروق، جسٽس علي باقر نجفي، جسٽس ڪي ڪي آغا، جسٽس روزي خان ۽ جسٽس ارشد حسين شاهه شامل آهن.

بقايا 3 استعيفائون منظور

استعيفائون منظور ڪري ورتيون. 27هين ترميم جي معاملي تي جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله سپريم ڪورٽ جي جج جي حيثيت سان پنهنجي عهدن تان استعيفائون ڏنيون هيون. ٻنهي ججن پنهنجون استعيفائون صدر کي موڪليون هيون. ايوان صدر جي پڌرائيءَ موجب صدر آصف علي زرداري ٻنهي ججن جون استعيفائون منظور ڪري ورتيون آهن.

بقايا 4 سون

۾ هزارين رپيا لاٽ سامهون آئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب 3 هزار 300 رپيا لاٽ کانپوءِ ملڪ ۾ في تولو سون جي قيمت 4 لک 39 هزار 762 رپيا ٿي وئي آهي جڏهن ته 10 گرام سون 2 هزار 829 رپيا سستو ٿيڻ کانپوءِ 3 لک 25 هزار رپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو اگهه 33 ڊالر گهٽجڻ سان 4 هزار 174 ڊالر في اونس آهي.

بقايا 5 اسپيڪر

پهرئين چيف جسٽس جو حلف کڻڻ تي مبارڪون ڏنيون آهن. گذريل ڏينهن پنهنجي مبارڪن واري پيغام ۾ هن وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس جسٽس امين الدين خان لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس جو عهدو سنڀالڻ هڪ وڏو اعزاز آهي. جسٽس امين الدين خان هڪ مشهور قانوندان آهي. وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس جسٽس امين الدين جي سربراهي ۾ وفاقي آئيني عدالت انصاف جي فراهمي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي. منصفاڻو ۽ موثر انصاف وارو نظام مضبوط جمهوريت ۽ ملڪي ترقي جو بنياد آهي. هن چيو ته اميد آهي ته جسٽس امين الدين خان آئين ۽ قانون موجب عدالتي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندو. وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس امين الدين خان جي ڪاميابي لاءِ دعاگو آهيان.

بقايا 6 شرڪت

ٿيو جنهن ۾ سپريم ڪورٽ جي 19 مان 17 ججن شرڪت ڪئي ۽ ٻن ججن جسٽس منيب اختر ۽ جسٽس عائشه ملڪ شرڪت نه ڪئي. ان کان اڳ، سپريم ڪورٽ جي ججن جو ڪل تعداد 24 هو ۽ ٻن ججن جي استعيفيٰ کان پوءِ سپريم ڪورٽ جي ججن جو تعداد 22 ٿي ويو. ٽن ججن جي آئيني عدالت ۾ منتقلي کان پوءِ ججن جو تعداد گهٽجي 19 ٿي ويو آهي. اعلان موجب، سپريم ڪورٽ رولز 1980 جو جامع جائزو مڪمل ڪيو ويو آهي ۽ نئين ترميمن جي منظوري ڏني وئي آهي. منير پراچا کي سينئر ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ جو درجو ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي آهي. جسٽس شاهد وحيد، جسٽس عرفان سعادت، جسٽس نعيم افغان، جسٽس عقيل عباسي جي هڪ ڪميٽي مسودو تيار ڪيو.

بقايا 7 ڏک جو اظهار

خان ٽيسوري جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (جي پي ايم سي) جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر شاهد رسول جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. گورنر سنڌ چيو ته ڊاڪٽر شاهد رسول جون طبي ميدان ۾ خدمتون انمول هيون ۽ سندس وفات پاڪستان جي طبي برادري لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي. هن چيو ته مرحوم پنهنجي پيشوراڻا صلاحيتن ۽ خلوص سان جي پي ايم سي ۾ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون جيڪي هميشه ياد رکيون وينديون. گورنر ڪامران خان ٽيسوري دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم کي پنهنجي رحمت ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ خاندان کي صبر عطا ڪري.

بقايا 8 انڪار

ڏهه مهينن جو فرق ڇو آهي؟ نادرا اورنگي ٽائون جي هڪ عورت لاءِ سڃاڻپ ڪارڊ ٺاهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. متاثر عورت صبا پنهنجن ٻارن سان گڏ نادرا خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ پهچي درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي. متاثر عورت صبا پنهنجي موقف ۾ چيو ته مان گذريل ٻارهن سالن کان نادرا آفيس ۾ گهمي رهي آهيان. عورت چيو ته نادرا وارا منهنجو مذاق اڏائين ٿا. متاثر عورت چيو ته منهنجي والدين ۽ ڀينرن جا سڃاڻپ ڪارڊ به ٺاهيا ويا آهن. منهنجي ننڍي ڀيڻ جو ڪارڊ به ٺاهيو ويو. متاثر عورت چيو ته مون کي ٻڌايو ويو ته ٻنهي ڀينرن جي وچ ۾ ڏهه مهينن جو فرق ڇو آهي؟ درخواستگذار جي وڪيل عثمان فاروق چيو ته نادرا جي ضابطن موجب، ستن مهينن جي عمر جي فرق جي باوجود به ڪارڊ ٺاهي سگهجي ٿو.

بقايا 9 پرڏيهي ترجمان

حسين اندرابي چيو ته پاڪستان ڪنهن به دهشتگرد گروهه ڀلي اهو ٽي ٽي پي هجي يا بي ايل اي، ڳالهيون نه ڪندو. طالبان جي اقتدار ۾ اچڻ کانپوءِ پاڪستان تي حملن ۾ واڌ ٿي. نقصان باوجود اسان صبر جو مظاهرو ڪيو ۽ صورتحال کي بگڙڻ نه ڏنو. اسان کي اميد هئي ته طالبان انتظاميا ٽي ٽي پي خلاف عملي قدم کڻندي. هن چيو اميد ته افغان طالبان ڪالعدم ٽي ٽي پي خلاف ڪارروائي ڪندا. پاڪ فوج هر قسم جي دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. دهشتگردن جي خاتمي تائين افغانستان سان واپار نه ٿيندو. واپار انساني جانين کان وڌيڪ اهم ناهي. پرڏيهي کاتي جي ترجمان وڌيڪ چيو ته آمريڪي صدر جو جوهري تجربن تي بيان ڏٺو آهي. ان تي ڀارتي پروپيگنڊا ناڪاري، غلط ۽ بي بنياد آهي. پاڪستان 28 مئي 1999 ۾ آخري جوهري تجربو ڪيو هو. ڀارت جو جوهري سيفٽي ۽ سيڪيورٽي جو رڪارڊ سٺو ناهي. گذريل سال ڀابا نيوڪليئر ري ايڪٽر تان چوري ٿيل مواد بليڪ مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿي رهيو هو.

بقايا 10 تباهه

معمول جي تربيتي پرواز دوران پيش آيو. پر جهاز جو پائلٽ وقت تي ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ڀارتي نيوز ايجنسي پي ٽي آءِ پاران جاري ڪيل هڪ وڊيو ۾ تباهه ٿيل جهاز جو ملبو زمين تي ٽڙيل پکڙيل ڏسي سگهجي ٿو. بعد ۾ ڀارتي هوائي فوج حادثي جي تصديق ڪئي ۽ چيو ته واقعي جي جاچ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ حادثي ۾ ڪنهن به جاني يا مالي نقصان جي اطلاع ناهي ملي. ڀارتي هوائي فوج پنهنجي بيان ۾ چيو ته هوائي فوج جو پي [illegible] جي تمبارو ويجهو ڪري تباهه ٿي ويو. بيان ۾ چيو ويو آهي ته پائلٽ محفوظ طور تي ٻاهر نڪري ويو ۽ ڪنهن به شهري ملڪيت کي نقصان نه پهتو. جڏهن ته حادثي جو سبب ڳولڻ لاءِ ڪورٽ آف انڪوائري قائم ڪئي وئي آهي.

بقايا 11 پابندي لاڳو

طرفان جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب ڪي پي حڪومت پهرين تاريخ کان اڳ پگهارن جي ادائيگي تي پابندي لاڳو ڪئي آهي. پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته آڪٽوبر جي آخري تاريخن ۾ ادائيگيون ڪيون ويون. جنهن سبب مسئلا پيش آيا. پگهارون ۽ پينشن هر مهيني جي پهرين تاريخ تي جاري ڪيون وڃن.

بقايا 12 ڪراچي بار

ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو آهي. وڪيل قافلن جي صورت ۾ سکر پهچندا. 27 ترميم ۾ سپريم ڪورٽ جا مڪمل اختيار ختم ڪيا ويا آهن. اڄ به سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪنهن به آئيني درخواست جي ٻڌڻي ناهي ٿي. 27 ترميم غير قانوني ۽ غير آئيني آهي. وڪيل اڳواڻن چيو ته 73 جو آئين بهتر آهي. جنهن ۾ هر اداري جو پنهنجو پنهنجو ڪردار رهيو. 18 ترميم به بهتر آئي. سمجهه ۾ اهيو نٿو اچي عدالتن کان هنن کي ڪهڙو مسئلو آهي. 27 ترميم مائيٽ از رائيٽ واري ڳالهه آهي. وڪيل ته عوام لاءِ ڪم ڪندا آهن. وڪيلن ۽ عدالتن کان اوهان ڪهڙو خوف آهي. هاڻي اهي ئي جج لڳايا ويندا جيڪو ايگزيڪيوٽو چاهيندا. عدليا ۽ وڪيلن کي ٽارگيٽ ڪيو پيو وڃي. 27 ترميم جا اثر هڪ مهيني ۾ ايندا. ڪا به ترميم لارجر پبلڪ انٽريسٽ لاءِ ڪئي ويندي آهي. 27 ترميم زهر قاتل آهي. ان ترميم تي غور ڪيو وڃي. ان ترميم رد ڪريون ٿا. ڪراچي بار جي جنرل سيڪريٽري رحمان ڪوراٽي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته ٻيهر لوءِ ڊرٽو ته صرف هڪ ٽريلر هيو. تحريڪ هلي رهي آهي. جيڪا پوري ملڪ ۾ ڦهلائينداسين. سپاٽي سکر ۾ ڪنوينشن ۾ اڳتي جو لاءِ عمل طئي ڪيو ويندو. آئين جو جنازو ڪڍڻ وارا به جمهوريت پسند ٿي پارٽيون آهن. ڪراچي بار جي جنرل سيڪريٽري ڪراچي بار رحمان ڪوراٽي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته اڄ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان نه پر صرف سپريم ڪورٽ ٿي وئي آهي 27 ترميم خلاف اڄ سموري سنڌ جي عدالتن ۾ هڙتال ڪئي وئي آهي. پي سي او تحت سول ملٽري نظام آندو پيو وڃي. ٻن ججن جي استعفائن تي سلام پيش ڪريون ٿا. ڪجهه ٻيا جج به استعيفا ڏيندا. وڪيلن سان گڏ صرف وڪيل پر سمورو عوام گڏ آهي. لاءِ عمل ۾ ٿي سگهي ٿو ته اسان 27 هين ترميم خلاف ملڪ گير احتجاج ڪنداسين.

بقايا 13 صحيحون

اهلڪارن جي اولاد کي مفت طبي تعليم ڏيڻ لاءِ ياداشت نامي تي صحيحون ڪيون ويون. صحيحون چانڊڪا انسٽيٽيوٽ آف نرسنگ اينڊ الائيڊ هيلٿ سائنسز جي چيئرمين سيد اقبال بابو ۽ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب ڪيون. تقريب ۾ آءِ جي سنڌ ڪاليج جي شاگردياڻين ۽ شاگردن ۾ ليپ ٽاپ جڏهن ته استادن ۾ تعريفي سندون تقسيم ڪيون. آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ياداشت نامي ٿيڻ جي واکاڻ ڪندي چيو ته سنڌ پوليس جي بهادر جوانن عوام جي تحفظ خاطر جانيون قربان ڪري ڳاٽ اوچو ڪرايو آهي جنهن تي اسان کي تمام گهڻو فخر آهي. پوليس ۽ عوام وچ ۾ ويجهڙائي جا سٺا نتيجا نڪري رهيا آهن. چانڊڪا نرسنگ انسٽيٽيوٽ جي چيئرمين بابو اقبال انتهائي اهم قدم کڻندي سنڌ پوليس جي شهيدن کي مفت تعليم ڏيڻ جا فراهم ڪري رهيو آهي جيڪو صوبي اندر وڏو مثالي ڪم آهي. ٻين ادارن کي به اڳتي اچي پوليس اهلڪارن جو ڀرپور ساٿ ڏيڻ گهرجي. سيد اقبال بابو چيو ته ياداشت نامي تحت هر سال اداري جي ٻن ڊگري پروگرامن ۽ 12 شارٽ ڪورسز ۾ مفت داخلائون ڏيڻ سان گڏ سموري تعليم مفت ڏني ويندي جڏهن ته پوليس جي حاضر سروس عملدارن ۽ اهلڪارن لاءِ به 50 سيڪڙو رعايت تي تعليم ڏني ويندي. ان کان اڳ آءِ جي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف نرسنگ اينڊ الائيڊ هيلٿ سائنسز جي ڪانفرنس هال جو افتتاح ڪيو. تقريب ۾ ايس ايس پي احمد فيصل چوڌري ۽ ٻيا آفيسر به موجود هئا.

بقايا 14 آغاز

ڪمپني لميٽيڊ (او جي ڊي سي) سنڌ صوبي جي حيدرآباد ضلعي ۾ واقع پنهنجي نئين ڊولپمينٽ ويل پساکي-14 مان روزانو 1,100 بيرل تيل جي پيداوار ڪاميابي سان شروع ڪري ڇڏي آهي. هي سنگ ميل پساکي ۽ پساکي نارٿ ڊولپمينٽ اينڊ پروڊڪشن ليز ۾ او جي ڊي سي جي جاري ترقياتي سرگرمين جو هڪ اهم حصو آهي. جتي ڪمپني جو ورڪنگ انٽرسٽ 100 سيڪڙو آهي. تفصيلن موجب، ڪمپني پنهنجي اعليٰ ٽيڪنيڪل صلاحيتن ۽ تجربي کي استعمال ڪندي کوهه جي انرائٽي حد بندي، ڊرلنگ ۽ ٽيسٽنگ جا سڀئي مرحلا ڪاميابي سان مڪمل ڪيا. لوئر گورو فارميشن جي متعين ريت ۾ امڪاني هائيڊرو ڪاربن ذخيرن کي صحيح طور تي ڳولڻ لاءِ پساکي -14 کوهه کي 2,183 ميٽر جي کوٽائي تائين کوٽيو ويو. ڊرلنگ جي عمل دوران بهترين نتيجا ۽ درستگي کي يقيني بڻائڻ لاءِ OGDCڪمپني جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو جديد ڊرلنگ ٽيڪنالاجيون جهڙوڪ (RSS) [illegible] (MWD)، نائٽرائيڊ مڊ سسٽم استعمال ڪيو. OGDC جي مطابق پساکي-14 مان تيل جي پيداوار جي شروعات ڪمپني جي ڳولا تي ٻڌل ترقي آپريشنل ڪارڪردگي ۽ پيداوار جي بهتري تي ڌيان ڏيڻ جي واضح نشاني آهي ڪمپني جو چوڻ آهي ته اها پاڪستان جي توانائي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۽ ملڪ جي توانائي جي سيڪيورٽي کي وڌائڻ لاءِ ڳولا ۽ ترقي ۾ سيڙپڪاري جاري رکندي OGDC پنهنجي حصيدارن لاءِ پائيدار قدر پيدا ڪرڻ ۽ قومي توانائي جي ذخيرن کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ مضبوط عزم سان اڳتي وڌندي رهي ٿي.

بقايا 15 يورپي ڪميشن

جي مالي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ٽي رستا آهن ۽ ان ويجهو منجمد ٿيل روس جي اثاثن جو استعمال سڀ کان بهترين طريقو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب يورپي پارليامينٽ ۾ پنهنجي خطاب دوران هن وضاحت ڪئي ته ٻي صورت اها آهي ته يورپي يونين پنهنجي بجيٽ جي اضافي حصي مان فنڊ فراهم ڪري يا ميمبر ملڪ پاڻ سيڙپڪاري گڏ ڪرڻ تي راضي ٿين. هن چيو ته ٽيون آپشن اهو آهي ته منجمد ٿيل روس جي اثاثن جي بنياد تي معاوضاتي قرض فراهم ڪيو وڃي. اسان يوڪرين کي قرض ڏينداسين جيڪو ان وقت واپس ڪندو جڏهن روس معاوضو ادا ڪندو. اهو ئي طريقو يوڪرين جي دفاع ۽ معيشت کي مستحڪم رکڻ جو سڀ کان بهترين ذريعو آهي.

بقايا 16 گرفتار

ٽي ڊي گڏيل آپريشن ۾ ڪئي وئي. تحقيقات دوران معلوم ٿيو ته گرفتار جوابدار ساجد الله عرف شينا، جيڪو خودڪش حملي آور جو هينڊلر هو، اعتراف ڪيو ته افغانستان ۾ موجود ٽي ٽي پي ڪمانڊر سعيد الرحمان عرف دادالله کيس ٽيليگرام ذريعي اسلام آباد ۾ خودڪش حملو ڪرائڻ لاءِ حڪم ڏنو هو جنهن جو مقصد قانون نافذ ڪندڙ ادارن کي وڌيڪ نقصان پهچائڻ هو. دادالله ساجد الله کي خودڪش بمبار عثمان عرف ”قاري“ جون تصويرون موڪليون ته جيئن هو کيس پاڪستان ۾ رهنمائي ڪري سگهي. عثمان شنواري قبيلي سان لاڳاپيل ۽ افغانستان جي ضلعي اچين (ننگرهار) جو رهواسي هو. پاڪستان پهچڻ بعد ساجد الله کيس اسلام آباد جي نواحي علائقي ۾ رهايو ويو. دادالله جي هدايت تي ساجد الله پشاور جي اکن بابا قبرستان مان خودڪش جيڪيٽ حاصل ڪري اسلام آباد آندو ۽ حملو ڪرڻ واري ڏينهن عثمان کي اها جيڪيٽ پارائي هئي. تحقيقات مطابق افغانستان ۾ موجود ٽي ٽي پي / فتنه الخوارج جي اعليٰ قيادت هن نيٽ ورڪ جي هر قدم تي رهنمائي ڪري رهي هئي. آپريشن ۾ پورو سيل جن ۾ آپريشنل ڪمانڊر به شامل آهي جنهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ وڌيڪ گرفتارين جا امڪان پڻ آهن.

بقايا 17 افتتاح ڪيو

ڪراچيءَ ۾ ڏاڍو جوش، جذبو ڏٺو ويو جڏهن پاڪستان جي رانديڪن جي جنم ڀومي واري شهر ۾ 35هين نيشنل گيمز 2025 جي شاندار ٽارچ ريلي تقريب جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه مشعل کڻي تقريب جو باقاعدي افتتاح ڪيو. هي رانڊين جا مقابلا 6 کان 13 ڊسمبر تائين ڪراچيءَ جي 24 معياري جاين تي منعقد ٿيندا. هي شاندار تقريب مزار قائد تي منعقد ٿي جتي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صدارت ڪئي. عالمي ايٿليٽن کان وزيراعليٰ مشعل وصول ڪئي جيڪا اميد، اتحاد ۽ اسپورٽس مين شپ جي علامت آهي. وڏي وزير مراد علي شاهه پنهنجي خطاب ۾ چيو ڪراچي کي لڳ ڀڳ ويهن سالن کانپوءِ نيشنل گيمز جي ميزباني جو منفرد اعزاز حاصل ٿيو آهي. تنهنڪري هن ايونٽ کي يادگار ۽ شاندار نموني سان ڪرڻ لازمي آهي. رانڊين جو فروغ نوجوانن کي صحتمند ۽ مثبت سرگرمين ڏانهن آڻڻ لاءِ ضروري آهي. 35هين نيشنل گيمز نه فقط سنڌ پر پوري پاڪستان لاءِ فخر جو لمحو هوندا. هن چيو ته پاڪستان جا نوجوان خاص طور ڇوڪريون غيرمعمولي همت ۽ قابليت رکن ٿيون. اسان کي پنهنجي ٻارن ۽ سندن ٽيلنٽ تي فخر آهي. وڏي وزير ٻڌايو ته 18 سالن بعد ڪراچي ۾ نيشنل گيمز جو انعقاد تاريخي اهميت رکي ٿو. اڄ اسين مزار قائد اڳيان بيٺا آهيون جتي 1948ع ۾ پهريون نيشنل اولمپڪس ٿيون. قائداعظم محمد علي جناح پاڻ پهرين ٽرافي عطا ڪئي جيڪا اڄ به ونر ٽيم کي ڏني ويندي آهي. مراد علي شاهه چيو ته ڪراچي ملڪ جي تاريخ ۾ سڀ کان وڌيڪ نيشنل گيمز جي ميزباني ڪئي آهي. سنڌ حڪومت، اسپورٽس ڊپارٽمينٽ ۽ انتظاميا مڪمل يقين ڏياري ٿي ته 35هين نيشنل گيمز شاندار ڪاميابي سان مڪمل ٿيندا. هن ڪراچي واسين کي وڏي انگ ۾ شموليت جي اپيل ڪندي چيو مون کي اميد آهي ته ڪراچي وارا هر اسٽيڊيم ڀري ڇڏيندا. هي گيمز پاڪستان جي تاريخ جا سڀ کان ڪامياب مقابلا هوندا. هن پاڪستان جي ايٿليٽ ارشد نديم جو حوالو ڏيندي چيو ته ملڪ مان عالمي معيار جو ٽيلنٽ پيدا ٿي رهيو آهي. ٽارچ ريلي جي روايت بابت ڳالهائيندي وڏي وزير ٻڌايو ته اولمپڪ مشعل جو آغاز يونان جي اولمپيا شهر مان ٿيو ۽ 1928 کان هر جديد اولمپڪس ۾ هي روايت جاري آهي. اڄ نيشنل گيمز جي مشعل ڪوئيٽا مان ڪراچي پهتي آهي هتان اها پشاور روانو ٿيندي جتي اينڊ گيمز ٿيندا. هن چيو ته سنڌ حڪومت نيشنل گيمز لاءِ عالمي معيار جي تياريون ڪندي ۽ سڀني ايٿليٽن ۽ آفيسرن کي محفوظ، منظم ۽ ڀرپور سهولتون فراهم ڪندو. هن سنڌ اولمپڪ ايسوسيئيشن ۽ پاڪستان اولمپڪ ايسوسيئيشن جو پڻ ٿورا مڃيا ۽ پنهنجي تقرير ”پاڪستان زنده باد“ سان مڪمل ڪئي. مشعل جو سفر مزار قائد کان سمنڊ تائين: تقريب جي شروعات قومي ترانی ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت سان ٿي. بلوچستان اولمپڪ ايسوسيئيشن باضابطه طور مشعل سنڌ جي وڏي وزير حوالي ڪئي. هڪ جذباتي منظر ۾ وڏي وزير مشعل رانڊين واري صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر حوالي ڪئي جنهن کان پوءِ مشعل جو تاريخي سفر شروع ٿيو. مشعل ڪراچي جي اهم رستن تان گذرندي سمنڊ تائين ويندي ۽ پهريون ڀيرو عربي سمنڊ ۾ بحري جهاز ذريعي سفر ڪندي جنهن کان پوءِ اها ملڪ جي ٻين صوبن ۽ آخر ۾ خيبر پختونخوا پهچندي. 35هين نيشنل گيمز جو رنگين لوگو لانچ: وڏي وزير 1948ع واري تاريخي رڪارڊ کي اجاگر ڪندي گيمز جو رنگا رنگ لوگو پڻ لانچ ڪيو اهو سال جڏهن پهريون نيشنل گيمز پاڪستان جي آزاد ٿيڻ کان پوءِ ڪراچي ۾ ٿيا هئا. ميگا ايونٽ جي جهلڪيون: تقريباً 11000 ايٿليٽ ۽ آفيسر سڄي ملڪ مان شرڪت ڪندا جن ۾ فوج، نيوي، ايئر فورس، واپڊا، پوليس ۽ ايڇ اي سي سميت سڀئي صوبائي ۽ وفاقي ادارا شامل آهن. 34 رانڊين، اولمپڪ ۽ نان اولمپڪ ۾ آرچري، ايٿليٽڪس، روئنگ، رگبي ۽ ٻيا ڪيترائي مقابلا شامل هوندا. سنڌ حڪومت عالمي معيار مطابق لاجسٽڪس رهائش اينٽي ڊوپنگ هراسمينٽ ۽ ميڊيا ڪوريج لاءِ مڪمل ڪميٽيون قائم ڪري ڇڏيون آهن. گرينڊ فنالي مشعل جي واپسي: ملڪ جو سفر مڪمل ڪرڻ کانپوءِ مشعل 6 ڊسمبر تي نيشنل اسٽيڊيم ڪراچي واپس ايندي جتي شاندار اوپننگ تقريب ٿيندي جنهن جي صدارت صدر پاڪستان آصف علي زرداري ڪندا. 13 ڊسمبر جي اختتامي تقريب ۾ وزيراعظم شهباز شريف خاص مهمان هوندا. وڏي وزير چيو ته ٽارچ ريلي ڪا رڳو رسمي تقريب نه آهي پر قومي ٻڌيءَ پائيي ۽ اسپورٽس جي روح جو جشن آهي. ڪراچي هن وڏن رانڊين جي ميلي کي ليڊ ڪرڻ لاءِ مڪمل تيار آهي. آخر ۾ وڏي وزير اعلان ڪيو ته سنڌ اسپورٽس ڊپارٽمينٽ هر ٻن سالن کانپوءِ يوٿ اولمپڪس جو انعقاد ڪندو. تقريب ۾ صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر پاڪستان اولمپڪ ايسوسيئيشن جا صدر سيڪريٽري اسپورٽس منور مهيسر ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا 18 لاڏاڻو

پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو پروفيسر شاهد رسول روبوٽڪ سرجري جو استاد هو مرحوم مارچ 2026 ۾ 60 سالن جا ٿيڻ وارا هئا. مرحوم 2026 ۾ پنهنجي ملازمت مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جناح اسپتال مان رٽائر ٿيڻ وارو هو ڊاڪٽر شاهد رسول کي دل جو دورو پوڻ کان پوءِ هڪ خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو هو اسپتال جي ذريعن جو چوڻ آهي ته شاهد رسول کي نازڪ حالت ۾ اسپتال آندو ويو هو جتي هو بچي نه سگهيو. سال 1994ع ۾ ڊاڪٽر شاهد رسول کي ڊاؤ ميڊيڪل ڪاليج مان گريجوئيشن مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جناح اسپتال ۾ ميڊيڪل آفيسر مقرر ڪيو ويو هو جناح اسپتال ۾ جنرل سرجري ۾ پوسٽ ميڊيڪل گريجوئيشن جي تعليم مڪمل ڪئي ايف سي پي ايس کان پوءِ هن رائل ڪاليج آف سرجنز مان سرجري ۾ اعليٰ تعليم ايف آر سي ايس ۾ به پڻ مڪمل ڪئي هو جناح اسپتال جي ميڊيڪل وارڊ 3 ۾ پروفيسر ارشاد وحيد جي اڳواڻي ۾ پنهنجا پيشه ورانه فرض سرانجام ڏئي رهيو هو بعد ۾ کيس اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ڪيو ويو ۽ جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون.

بقايا 19 تياريون مڪمل

“Power of Word” جي سري هيٺ ٿيندڙ هن فيسٽيول ۾ مختلف موضوعن تي سيشن منعقد ڪيا ويندا. ٻنهي راتين دوران محفل موسيقي پڻ ٿيندي جن ۾ سيف سميجو ۽ صنم ماروي سُرن جي ورکا ڪندا. سنڌ لٽريچر فيسٽول جي باني نصير گوپانگ پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته اٺين سنڌ لٽريچر فيسٽول جو افتتاح صبح جو ٻارهن وڳي ٿيندو افتتاحي تقريب جا چيف گيسٽ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه هوندا. جڏهن ته افتتاحي تقريب ۾ تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه، مهتاب اڪبر راشدي، ڊاڪٽر حسن عباس، نصير ميمڻ، سرفراز راجڙ سيڪريٽري يوٿ اينڊ اسپورٽس ڊپارٽمينٽ منور علي مهيسر ڪراچي پوليس جا چيف جاويد عالم اوڍو ۽ ٻيا معزز مهمان شرڪت ڪندا. جاري ڪيل بيان موجب افتتاحي تقريب ۾ ناميارا ليکڪا مهتاب اڪبر راشدي کي نوٽ تقرير پيش ڪندي تقريب ۾ پاڪستان جي پهرين ٽرانس جينڊر ڊاڪٽر سارا گل خان خاص مهمان طور شرڪت ڪندي ۽ ٽرانس جينڊر ڪميونٽي جي حاصلات ۽ چيلينجز بابت پنهنجي ڳالهه رکندي پارسي ڪميونٽي سان تعلق رکندڙ ناميارا ليکڪا تشمنائي پٽيل ڪراچي لاءِ پارسي ڪميونٽي جي خدمتن تي روشني وجهندي، جڏهن ته ڪراچي جو اڳوڻو ايڊمنسٽريٽر فهيم زمان خان شهر جي تاريخ ۽ انفرااسٽرڪچر تي ڳالهائيندو ڪراچي پوليس جو چيف جاويد عالم اوڍو پرامن معاشري لاءِ پوليس جي ڪردار بابت ڳالهه ٻولهه ڪندو فيسٽيول جي پهرين ڏينهن جو پهريون سيشن ماحولياتي تبديلين ۽ سنڌو درياهه بابت هوندو، جنهن جي ماڊريٽر عافيه سلام هوندي جڏهن ته نصير ميمڻ ڊاڪٽر حسن عباس ۽ مسعود لوهار اسپيڪر طور شرڪت ڪندا. ان کان سواءِ فيسٽيول ۾ ادب، تاريخ، ٻولي، ثقافت، شوبز نوجوانن جا معاملا زراعت، انفارميشن ٽيڪنالاجي، تعليم ۽ ٻين موضوعن تي مختلف سيشن منعقد ڪيا ويندا. اٺين سنڌ لٽريچر فيسٽول ۾ سنڌ جي ناميارن شاعر آڪاش انصاري کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ هڪ سيشن رکيو ويو آهي. جنهن ۾ سيد سردار علي شاهه، جامي چانڊيو، سيف سميجو ۽ ميرا آڪاش انصاري گفتگو ڪندا. جڏهن ته ماسٽر ولي ۽ ذوالفقار فقير آڪاش انصاري جي شاعري پيش ڪندا. پهرين رات محفل موسيقي ۾ سنڌ جو ناميارو راڳي سيف سميجو پرفارم ڪندو. ٻئي ڏينهن 16 نومبر تي، صبح جو ٻارهن وڳي کان مختلف موضوعن تي سيشن ٿيندا. هن سال به مختلف شعبن ۾ شاندار خدمتون سرانجام ڏيڻ تي 10 نوجوانن کي ”سفير سنڌ ايوارڊ“ سان نوازيو ويندو.

بقايا 20 بائيڪاٽ

نواز وڙائچ چيو ته وڪيلن پاران عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي عامر نواز جو چوڻ آهي ته اسان آئين ۽ عدليه کي بچائڻ چاهيون ٿا. عامر نواز وڙائچ چيو ته هڙتال سپريم ڪورٽ جي استعيفيٰ ڏنل ججن ۽ 27 هين ترميم متعلق آهي هن چيو ته اسان ڪراچي بار جسٽس اطهر من الله ۽ جسٽس منصور علي شاهه سان يڪجهتي جو اظهار ڪري رهيا آهيون. سٽي ڪورٽ ۾ وڪيلن پاران عدالت جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن سٽي ڪورٽ ۾ ڪنهن به سائيلن کي وڪيلن پاران داخل ٿيڻ نه پيو ڏنو وڃي پوليس پاران جيل مان قيدين کي عدالتن ۾ نه آندو ويو آهي.

بقايا 21 قتل

ميرپوربٺورو کان چوپايو مال ڪٺي ڪوئيٽا وڃي رهيو هئو ته بلوچستان جي نوتال واري علائقي ۾ نامعلوم هٿيارٻندن مزدا مٿان سڌي فائرنگ ڪري ڏني مزدا ڊرائيور عطا حسين مهر ٿڏي تي شهيد ٿي ويو هٿيارٻند فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا پيو وڃي ته ڌوهارين کان ڦر ڪري وڃي رهيا هئا ته پوليس ۽ ڌوهارين ۾ آمهون سامهون فائرنگ ڪئي وئي جنهن ۾ ڌوهارين مزدا مٿان اڻ ڌڻ فائرنگ ڪري مزدا ڊرائيور کي قتل ڪري ڇڏيو نوجوان جو مڙهه بلوچستان کان ڳوٺ خاوند ڏنو ۾ آندو ويو جتي نوجوان جو لاش پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو سوڳ ۾ هر هڪ اک آلي ٿي وئي نوجوان جي جنازي نماز ادا ڪئي جنازي نماز ۾ علائقي جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 22 ملاقات

بيڪر سان ملاقات ڪئي جنهن دوران انهن پاڪ آمريڪا ٻطرفي لاڳاپن، اقتصادي تعاون ۽ علائقائي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي سرڪاري ٽيليويزن پي ٽي وي جي هڪ رپورٽ موجب، نائب وزيراعظم پاڪستان ۾ آمريڪي ڪمپنين جي وڌندڙ دلچسپي جي آجيان ڪئي، آئي ٽي ۽ اهم معدنيات جي شعبن ۾ سيڙپڪاري وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو هن خاص طور تي هري پور ۾ گوگل ڪروم اسيمبلي لائن جي قيام کي اقتصادي تعاون جي هڪ مثبت مثال قرار ڏنو رپورٽ موجب ٻنهي پاسن کان علائقائي ۽ عالمي معاملن تي پڻ بحث ڪيو ويو جڏهن ته غزه ۾ جاري امن ڪوششن تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو وڌيڪ ٻڌايو ويو ته ڌرين گڏيل مقصدن لاءِ رابطا جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا 23 حڪم

خلاف ڪيس جو لکت فيصلو جاري ڪري ڇڏيو جسٽس صاحبزادا اسدالله طرفان 4 صفحن تي ٻڌل تفصيلي فيصلو جاري ڪيو ويو آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته صوبائي حڪومت سميت سڀني ڌرين کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته ڪنهن به سياسي سرگرمي جلسي يا لانگ مارچ ۾ سرڪاري وسيلن جو استعمال نه ڪيو وڃي فيصلي موجب سرڪاري مشينري ۽ وسيلن جو سياسي مقصدن لاءِ استعمال ضابطن جي ڀڃڪڙي آهي فيصلي ۾ درخواستگذار جو موقف شامل ڪندي چيو ويو آهي ته صوبائي حڪومت مبينا طور جلسن ۽ مارچن ۾ سرڪاري وسيلن جو استعمال ڪندي رهي آهي پشاور هاءِ ڪورٽ سرڪاري مشينري کي سياسي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ تي مڪمل پابندي لاڳو ڪندي درخواست اڪلائي ڇڏي ۽ واضح ڪيو ته سرڪاري وسيلا رڳو عوامي خدمت لاءِ آهن ڀڃڪڙي جي صورت ۾ ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 24 رجسٽرار مقرر

عدالت جو رجسٽرار مقرر ڪري ڇڏيو ذريعن موجب وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس امين الدين خان اڳوڻي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج محمد حفيظ کي رجسٽرار لڳايو آهي ذريعن موجب جسٽس امين الدين خان مظهر پئي کي سيڪريٽري ٽو چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت مقرر ڪيو آهي.

بقايا 25 ملڪ احمد خان

بڻجڻ لاءِ هڪ چڪتاءِ ۽ رهاڳو آهي لاهور ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي ملڪ محمد احمد خان چيو ته اڄ پياري ملڪ کي تعليم يافته نوجوانن جي ضرورت آهي. تعليم يافته عورتون هڪ تعليم يافته سماج جو بنياد آهن بدلجندڙ وقت سان گڏ عورتن کي تعليم ڏيڻ جي اهميت مضبوط ٿي رهي آهي هن چيو ته اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پراڻا فرسوده خيال دفن ڪيا وڃن اسان کي ڇوڪرين کي انهن جي روشن مستقبل جي ضامن بڻجڻ جي قابل بڻائڻو پوندو حڪومت کي سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ خانگي ادارن جهڙيون سهولتون فراهم ڪرڻ گهرجن سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندڙ ملڪ جي 97 سيڪڙو ٻارن کي ڇو محروم رکيو پيو وڃي؟ هن چيو ته ملڪ هن وقت ڪيترن ئي چيلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي منهنجو خيال آهي ته آئيني عدالت تمام ضروري آهي. پارليامينٽ کي بااختيار بڻائڻو پوندو ان کي ججن جي مقرري جو اختيار هجڻ گهرجي. تقرري ڪيئن ٿيندي؟ هاءِ ڪورٽ ڪيئن ٺهندي؟ هي اختيار پارليامينٽ وٽ هجڻ گهرجي پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر چيو ته وڌيڪ استعيفائون اينديون. هي چيف جسٽس بڻجڻ لاءِ چڪتاءِ ۽ رهاڳو آهي عدالتي فيصلن ذريعي پارليامينٽ کي پنهنجا اختيار محدود ڪري ڪنڊ ۾ بند ڪيو ويو پارليامينٽ پنهنجي حقن جي ڳالهه ڪندي به ڊڄندي هئي اڄ اهي دروازا بند ٿيڻ گهرجن هن چيو ته فوجي ۽ سرڪاري عملدارن بهادري

دانشمندي سان ڪم ڪندي ڀارت کي مناسب جواب ڏنو ياد رکڻ گهرجي ته ڪالهه جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهرمن الله 27 هين ترميم جي معاملي تي سپريم ڪورٽ جي ججن جي عهدن تان استعيفيٰ ڏني هئي، جنهن کي صدر قبول ڪيو هو.

بقايا 26 خواجا آصف

اقتدار تان هٽائڻ جو عمل شروع ٿيو ته سپريم ڪورٽ جا جج سازش ۾ شامل ٿي ويا. چيف جسٽس ثاقب نثار به بينچون جوڙيون جن اڳوڻي وزيراعظم کي نااهل قرار ڏنو. هن چيو ته انهن بينچن ۾ آصف سعيد کوسا، گلزار احمد، اعجاز الاحسن شامل هئا. نواز شريف جي نااهلي کانپوءِ هڪ ٻي بينچ جوڙي وئي. جنهن طئي ڪيو ته نااهلي ڪيتري هوندي، بينچ قرار ڏنو ته ڪو نااهل شخص ڪنهن سياسي جماعت جو سربراهه نٿو بڻجي سگهي. هر سياسي ڪيس ۾ اهي ئي ڪجهه جج سامهون ايندا رهيا. سندس چوڻ هو ته ڪالهه ٻن ججن جي غيرت جاڳي پئي پر جڏهن ڪينگرو ڪورٽ ٺاهي نواز شريف کان انتقام ورتو ويو ته ان وقت ڪنهن جي غيرت نه جاڳي. مستعفي ٿيندڙ ٻئي جج ان وقت سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ ويٺا هئا، جيڪي ڏوهه انهن ماضي ۾ ڪيا، اهي انهن جي ذهنن مان ختم ٿي ويا؟ خواجا آصف چيو ته جسٽس اطهر من الله کي جمهوريت جو خيال آيو پر پرويز مشرف جي ڪيبنيٽ ۾ شامل هئا جڏهن ته سندس ماءُ جنرل ضياءَ جي دور ۾ مجلس شوريٰ ۾ شامل هئي. اڄ ان جو ضمير ان ڪري جاڳيو ته آئين جي بالادستي قائم ٿي آهي. انهن ججن جو ضمير ٺاهڻ کان سُتل هو اڄ پڇ تي پير آيو ته انهن کي شاهري ياد اچي وئي، مان انهن جي ماضي کي ڄاڻان ٿو اڌ رات جو 52 قانون پاس ٿيا، ان وقت انهن جي غيرت ڪٿي هئي؟

بقايا 27 فيصل راڻو

ممتاز راڻو کي نامزد ڪري ڇڏيو آهي پريس ڪانفرنس دوران پيپلز پارٽي جي اڳواڻ راجا پرويز اشرف چيو ته اسان جا نمبر مڪمل آهن ۽ اسان آزاد ڪشمير ۾ حڪومت ٺاهينداسين. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه مسئلو ڪشمير کي اوليت ڏني آهي. عدم اعتماد جي تحريڪ اڏارين جي دستخطن گڏ ڪري اسيمبلي سيڪريٽري ۾ جمع ڪرائي وئي آئين موجب اسيمبلي جي مجموعي ميمبرن جو گهٽ ۾ گهٽ 25 سيڪڙو دستخط تحريڪ لاءِ لازمي هوندو آهي تحريڪ جمع ٿيڻ کان پوءِ سيڪريٽري اسيمبلي هڪ نقل صدر کي موڪليندو ۽ ميمبرن کي نوٽيس جاري ڪندو تحريڪ داخل ٿيڻ کان 3 ڏينهن پوءِ ۽ 7 ڏينهن اندر ان کي فهرست ڪارروائي ۾ شامل ڪرڻ لازمي آهي. فهرست ۾ اچڻ بعد اسپيڪر آئيني آرٽيڪل 18 تحت راءِ شماري لاءِ تاريخ مقرر ڪندو. مقرر ڏينهن اسيمبلي جو سيشن راءِ شماري تائين ملتوي نٿو ٿي سگهي جيڪڏهن عدم اعتماد ناڪام ٿي وڃي ته ايندڙ 6 مهينن تائين ٻي تحريڪ پيش نٿي ڪري سگهجي تحريڪ جمع ٿيڻ بعد وزيراعظم کي اسيمبلي تحليل ڪرڻ جو اختيار به ختم ٿي وڃي ٿو واضح رهي ته فيصل ممتاز راڻو ضلعي حويلي سان تعلق رکي ٿو ۽ انهن جو خانداني پس منظر پڻ پيپلز پارٽي سان ڳنڍيل رهيو آهي.

بقايا 28 ملاقات

ميمبرن سان لاڳاپيل چونڊ حلقن جي معاملن ۽ ترقياتي منصوبن تي ڳالهه ٻولهه ٿي ملاقات ۾ پبلڪ افيئرز وارو وفاقي وزير راڻا مبشر اقبال مملڪتي وزير عبدالرحمان ڪانجو ۽ خاص معاون طلحيٰ برڪي پڻ موجود هئا.

بقايا 29 ملاقات

زرداري سان تاجڪستان جي دفاع واري وزير ڪرنل سوبر زوده امام علي عبدالرحيم ملاقات ڪئي ۽ ٻطرفي لاڳاپن، دفاعي تعاون، علائقائي سلامتي ۽ واپار ۽ توانائي جي شعبن ۾ گڏيل حصيداري جي فروغ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ تاجڪستان جو سفير شريف زوده يوسف طاهي، ڪرنل رسول زوده ڪريم عبدالرسول، ميجر جنرل حڪيم زوده ظريف يونس ۽ ميجر جنرل امون الله زوده امين جان امون الله پڻ موجود هئا. صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان تاجڪستان سان پنهنجي گهڻ رخي لاڳاپن کي خصوصي اهميت ڏئي ٿو جيڪي گڏيل تاريخ، ثقافت ۽ لساني ورثي تي ٻڌل آهن هن چيو ته ٻنهي ملڪن کي سياسي، ثقافتي ۽ عوامي سطح تي رابطا وڌيڪ وڌائڻ گهرجن.

بقايا 30 بل منظور

اڪثريت ووٽ سان منظور ڪري ورتو سينيٽ پاران منظور ڪيل بلن ۾ پاڪستان ايئر فورس ترميمي بل 2025 ۽ پاڪستان نيوي آرڊيننس 1961 ۾ وڌيڪ ترميم جو بل شامل آهي پاڪستان نيوي آرڊيننس 1961 ۾ وڌيڪ ترميم جو بل خواجه آصف پيش ڪيو ايوان سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ترميمي بل 2025 پڻ منظور ڪيو هي بل وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري ايوان ۾ پيش ڪيو پي ٽي آءِ جي سينيٽر همايون مهمند ۽ جي يو آءِ (ف) جي سينيٽر ڪامران مرتضيٰ بل جي مخالفت ڪئي ۽ مطالبو ڪيو ته ان کي ڪميٽي ڏانهن موڪليو وڃي جڏهن ته سينيٽ جي چيئرمين بلن جي منظوري لاءِ ايوان جي راءِ گهري، جنهن کان پوءِ ايوان بلن کي اڪثريت ووٽ سان منظور ڪري ورتو.

بقايا 31 اتفاق

اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير [illegible]

اجتماعي ڪوششن جي اهميت تي زور ڀريندي تاجڪستان سان دفاعي ۽ سيڪيورٽي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي. گذريل ڏينهن آءِ ايس پي آر مان جاري بيان موجب چيف آف آرمي اسٽاف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان تاجڪستان جي دفاع واري وزير ڪرنل جنرل سوبر زوده امام علي عبدالرحيم جنرل هيڊ ڪوارٽرز ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن، علائقائي سلامتي ۽ ٻطرفي دفاعي تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ٻنهي ڌرين موجوده عسڪري تعاون خاص ڪري تربيت، دهشتگردي جي خاتمي ۽ علائقائي سلامتي جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو معزز مهمان پاڪ فوج جي پيشيوراڻي مهارت کي ساراهيو ۽ علائقائي استحڪام ۽ امن کي هٿي ڏيڻ ۾ ان جي ڪردار جو اعتراف ڪيو فيلڊ مارشل علائقائي استحڪام ۽ خوشحالي لاءِ اجتماعي ڪوششن جي اهميت تي زور ڀريندي تاجڪستان سان دفاعي ۽ سيڪيورٽي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

بقايا 32 انڪار

ڏيڻ جي ڳالهه ٿي رهي هئي. جڏهن ته وفاقي شرعي عدالت پنهنجي عمارت آئيني عدالت کي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. وفاقي شرعي عدالت جي انڪار جي ڪري، وفاقي آئيني عدالت جو چيف جسٽس امين الدين خان هن وقت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ڪمرو نمبر 1 ۾ ويهندو، جڏهن ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سرفراز ڊوگر کي ڪورٽ روم نمبر 2 ۾ منتقل ڪيو ويندو. واضح رهي ته ڪالهه صدر وزيراعظم جي صلاح تي جسٽس امين الدين خان جي مقرري جي منظوري ڏني هئي. جنهن کان پوءِ جسٽس امين الدين اڄ آئيني عدالت جي پهرين چيف جسٽس طور حلف کنيو جڏهن ته آئيني عدالت جي 3 ٻين ججن به حلف کنيو.

بقايا 33 قتل

اقبال جي علائقي ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ نوجوان عبدالمقصد قتل ٿي ويو. مقتول 17 سالن جو هو ۽ پي آءِ بي ڪالوني جو رهواسي هو وارثن موجب عبدالمقصد چار ڀائرن ڀينرن مان ٻئي نمبر تي هو واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن ٽن ڇوڪرن ۽ ٻن ڇوڪرين جي وچ ۾ جهيڙو ٿي رهيو هو. پوليس موجب عبدالمقصد جهيڙي جي ويجهو بيٺو هو ته اوچتو ٻاهر لڳي وئي ۽ کيس گولي لڳي، هو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو شروعاتي جاچ مان ظاهر ٿيو آهي ته مقتول کان ڦر مار نه ٿي هئي ۽ سندس موبائل فون ۽ پرس محفوظ هئا. پوليس چيو آهي ته جهيڙي ۾ ملوث ماڻهن جي ڳولا جاري آهي ۽ اهو واضح ناهي ته عبدالمقصد جهيڙي ۾ ملوث ماڻهن سان گڏ هو يا نه جاچ جاري آهي.

بقايا 34 ڏک جو اظهار

سيد مراد علي شاهه جناح اسپتال جي سربراهه پروفيسر ڊاڪٽر شاهد رسول جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي سنڌ جي وڏي وزير چيو آهي ته ڊاڪٽر شاهد رسول جو شمار ملڪ جي بهترين سرجنز ۾ ٿيندو هو. هن چيو ته ڊاڪٽر شاهد رسول جون خدمتون هميشه ياد رکيون وينديون. سنڌ جي وڏي وزير مرحوم جي بلند مرتبن مغفرت ۽ سندن خاندان لاءِ صبر جو اظهار پڻ ڪيو آهي.

بقايا 35 اعلان

راجا ناصر عباس، شاهد خاقان عباسي اسد قيصر بيرسٽر گوهر سلمان اڪرم راجا ۽ ٻين شرڪت ڪئي اجلاس کانپوءِ جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب اهي ترميمون آئين جي بنيادي ڍانچي ۽ عدليا تي حملو آهن. جنهن خلاف جمهوري مزاحمت جاري رهندي پڌرائيءَ ۾ جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله کي استعيفيٰ ڏيڻ تي خراج تحسين پيش ڪيو ويو ۽ آئين کي اصل شڪل ۾ بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان پنجاب اسيمبلي کان لاهور هاءِ ڪورٽ تائين مارچ جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته لاهور ۾ وڪيلن جي احتجاج ۾ ڀرپور حصو وٺنداسين، جڏهن ته ايندڙ جمعي تي سڄي ملڪ ۾ ڪارو ڏينهن ملهايو ويندو.

بقايا 36 معاهدو

جي سفير چيو ته اسان اميد ڪريون ٿا ته ايندڙ مهينن ۾ بنگلاديش جي ٽي لک شهرين کي روزگار ڏنو ويندو ان کانسواءِ سعودي عرب ۾ بنگلاديش جا 36 لک شهري اڳ ئي ڪم تي موجود آهن جيڪي پنهنجي ملڪ ۾ 5 ارب ڊالرز جي لڳ ڀڳ رقم سعودي عرب مان موڪلين ٿا. سعودي عرب جي ان ليبر مارڪيٽ کي بنگلاديش جي شهرين 1970ع جي ڏهاڪي کان جوائن ڪيو آهي. بنگلاديش جا شهرين جو انگ سعودي عرب ۾ ڪجهه ملڪن کان وڌيڪ آهي اها ڳالهه ڍاڪا ۾ سعودي عرب جي نئين سفير ڊاڪٽر عبدالله ظفر ٻڌائي ۽ چيو ته ڪارڪنن کي وقت تي پگهارون ڏيارڻ ۽ انهن جي روزگار جي سلسلي ۾ شفافيت کي بهتر بڻائڻ لاءِ به قدم کنيا ويا آهن.

بقايا 37 شرجيل ميمڻ

مڪمل ٿي رهيا آهن. ڪي ڊي اي جا 76 منصوبا 13.22 ارب رپين لاءِ جاري آهن. جڏهن ته ڪي ايم سي جي 200 منصوبن تي 18.36 ارب رپيا خرچ ڪري رهي آهي. KW&SC ۽ لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي پڻ ڪيترن ئي منصوبن تي ڪم ڪري رهيا آهن. حب ڪينال ۽ ڊاملوٽي واٽر پائپ لائين پروجيڪٽ هڪ سال اندر مڪمل [illegible] سهڪار سان ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج سروسز جي بهتري واري منصوبي جو پهريون مرحلو 25.47 ارب رپين جي لاڳت سان مڪمل ڪيو پيو وڃي ۽ ٻيو مرحلو ڪراچي جي پراڻي پاڻي ۽ سيوريج سسٽم کي 167.10 ارب رپين ۾ تجديد ڪندو. شهر ۾ فضول ۽ پاڻي جي نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ ڪلڪ ۽ سويپ جا منصوبا پڻ اڳتي وڌي رهيا آهن. هن چيو ته سنڌ حڪومت تعليم جي شعبي ۾ به اهم قدم کڻي رهي آهي. هلندڙ مالي سال ۾ 130 اسڪيمن تحت 1280 تعليمي يونٽن جي مڪمل ٿيڻ تي ڪم جاري آهي. جنهن جي اندازي مطابق 15.57 ارب رپين ۽ 1.88 ارب رپيا اڳ ئي جاري ٿي چڪا آهن.

بقايا 38 سهڪار تي اتفاق

صلاحڪار سيد قاسم نويد قمر وڏي وزير جو سيڪريٽري عبدالرحيم شيخ سينئر سفارتڪار قونصل جنرل ۽ لاڳاپيل کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا. هنگري جي سفير سان ملاقات: وڏي وزير هنگري جي سفير ڊاڪٽر زولتان ورگا سان پاڻي جي صفائي، سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ، ماحوليات ۽ ٽيڪنالاجي ۾ سهڪار بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي. ڊپٽي هيڊ آف مشن ڊورا گنسبرگر ۽ آنرري قونصل جنرل مخدوم عمر شهريار پڻ ملاقات ۾ شامل هئا. ٻنهي ڌرين موئن جو دڙو، مڪلي، چوکنڊي ۽ سنڌو تهذيب جي ٻين قديم ورثن جي ترقيءَ ۽ تحفظ بابت پڻ تفصيلي خيالن جو ڏي وٺ ڪيو. وڏي وزير چيو سنڌ جا ماڻهو 5 هزار سال پراڻي سنڌو تهذيب جا وارث آهن اسان جو ورثو انسانيت جي ابتدائي تاريخ سان جڙيل آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي جيڪا محبت، هم آهنگي ۽ بين المذاهب برداشت جو پيغام ڏئي ٿي. سنڌ ۾ صدين کان مختلف مذهبن جا ماڻهو پاڻ ۾ سان گڏجي رهيا آهن. ڌرين پاران تعليم، ٽيڪنالاجي ۽ ماحوليات ۾ گڏيل ورڪنگ گروپ ٺاهڻ تي پڻ ڳالهايو. هنگري جي سفير سنڌ سان لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي. فرانس جي سفير سان ملاقات: وڏي وزير فرانس جي سفير نڪولا گالي ۽ قونصل جنرل اليڪسي چاتاهتنسڪي سان آرڪيالاجي، ثقافت، سيڙپڪاري ۽ ڪيپيسٽي بلڊنگ بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي. پيرس جي ايشيائي تهذيبن جي عجائب گهر بابت پڻ خيالن جو ڏي وٺ ٿيو ۽ ثقافتي ناتا وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو. فرانسيسي سفير سنڌ جي آرڪيالاجيڪل ورثي جي حفاظت ۾ خاص دلچسپي ظاهر ڪئي. وڏي وزير چيو سنڌ ۾ فرانسيسي ڪمپنين لاءِ خاص ڪري قابل تجديد توانائي ۽ شهري ترقي ۾ وڏا موقعا موجود آهن. هن زراعت ۽ کير جي شعبي ۾ گڏيل ڪم جي تجويز ڏني جنهن تي فرانس جي سفير خاص طور تي معدنيات جي شعبي ۾ سٺي دلچسپي ڏيکاري. وڏي وزير انويسٽمينٽ ڊپارٽمينٽ کي هدايت ڪئي ته ترجيحي منصوبن جي فهرست فرانسيسي سفارتخاني سان شيئر ڪئي وڃي. نيدرلينڊس جي سفير سان ملاقات: انکانپوءِ وڏي وزير نيدرلينڊ جي سفير رابرٽ-يان سگرٽ، فرسٽ سيڪريٽري اليگزينڊر آڪربوم ۽ آنرري قونصل جنرل طارق خان سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ ٻه طرفي معاشي سهڪار پاڻي جي انتظام، زراعت، قابل تجديد توانائي ۽ تعليم تي ڌيان ڏنو ويو.

بقايا 39 لاش هٿ

نوجوان جو ڪهاڙين لڳل لاش هٿ، اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ 23 سالن جي ياسين پنهور پٽ پيارو خان طور ڪئي وئي نوجوان کي نامعلوم ماڻهن قتل ڪري لاش ندي پرسان ڦٽو ڪري ڇڏيو نوجوان جا وارث ۽ پوليس پهچي وئي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو پوليس موجب واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون لاش هٿ ڪيو ويو آهي پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جوابدارن جي ڳولا جاري آهي.

بقايا 40 گلوٽاميٽ هٿ

اينٽي اسمگلنگ مهم جي تحت ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي دوران يونائيٽيڊ ٽريڊرز جي وليڪا چورنگي A-1 گودام تي ڇاپو هنيو ويو. ڪارروائي دوران گودام ۾ رکيل سائٽرڪ ايسڊ جي آڙ ۾ اسمگل ڪيل مونوسوڊيم گلوٽاميٽ هٿ ڪيو ويو. 20 ڪلوگرام سوڊيم گلوٽاميٽ 800 بورين سائٽرڪ ايسڊ ۾ لڪايو ويو هو. ضبط ٿيل ممنوع سوڊيم گلوٽاميٽ جي قيمت 2 ڪروڙ 25 لک رپيا آهي. گودام مان صرف 100 بوري سائٽرڪ ايسڊ هٿ ڪيو ويو. جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو ۽ مونوسوڊيم گلوٽاميٽ کي تحويل ۾ وٺي ڪسٽم گودام منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 41 اعلان

ٿيو جنهن ۾ اهم فيصلا ڪيا ويا. اجلاس کي خطاب ڪندي وڏي وزير ريڊيو پاڪستان تي 9 مئي تي حملي جي جاچ لاءِ جاچ ڪميشن قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته ڪميشن سي سي ٽي وي سميت سڀئي ثبوت گڏ ڪندي ڪابينا کي رپورٽ پيش ڪندي. هن چيو ته سود کان پاڪ خيبر پختونخواهه موجوده حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ اسان خيبر پختونخواهه کي سود جي لعنت کان نجات ڏيارڻ لاءِ پاليسي [illegible]

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LBF-CESS-TAY-303190284-2025	CONSTRUCTION OF PDEW AT WELL TAY WDW 1, SINDH PROVINCE	01.12.2025 AT 1130 Hrs
2.	OGDCL-SCM-LC-LOG-LUB-KS-302421821-2025	PROCUREMENT OF LUBRICANTS	01.12.2025 AT 1130 Hrs
3.	OGDCL-SCM-LH-PT-PNP-BETTANI-302920234-2025	PROCUREMENT OF VALVES AND FITTING MATERIAL	01.12.2025 AT 1130 Hrs
4.	OGDCL-SCM-LBF-CESS-WAHID-303194844-2025	CONSTRUCTION OF PDEW AT WELL WAHID BAKSH 01, SINDH PROVINCE	02.12.2025 AT 1130 Hrs
5.	OGDCL-SCM-LH-PT-PNP-UCH-302266472-2025	PROCUREMENT OF SWITCHGEAR TRIPPING UNITS	02.12.2025 AT 1130 Hrs

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **28.10.2025**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LC-PT-RM-CABLES-300651861-2025	PROCUREMENT OF POWER & CONTROL CABLES	27.11.2025 AT 1130 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager (Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
ogdcl.com — ogdcl the energy — No.288/25

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-CnESS-60-3321-303393794-2025	CONSULTANCY SERVICES FOR DESIGNING OF EMERGENCY PROTECTIVE WORKS AND REHABILITATION WORKS FOR EXISTING RAISED PLATFORM FOR EXTENDED REACH WELLS	01.12.2025 AT 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-303400461-2025	MAINTENANCE AND SUPPORT SERVICES FOR OMEGA-II HARDWARE	05.12.2025 AT 1030 Hrs
3.	OGDCL-SCM-FA-CB-DS-302521046-2025	SHALE STABILIZER	18.12.2025 AT 1100 Hrs

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **26.10.2025,** it is notified that the bid submission/opening date of the following case is extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LBB-CNESS-OGTI-301096646-2025	RENOVATION OF OGTI HOSTEL ROOMS WITH ATTACHED BATHROOMS (32 Nos.), INCLUDING CORRIDORS (03 Nos.), IN THE OFFICER'S WING, I-9, ISLAMABAD	24.11.2025 AT 1130 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager (Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
ogdcl.com — ogdcl the energy — No 290/27

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
27هين ترميم جي منظوري: جمهوري نظام لاءِ نوان چئلينج
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
نحوست ڇيڙن ۾ ۽ بي انصافيءَ ۾ هوندي آهي!
صفحو 4

آسٽريليا ۽ انڊونيشيا جو نئون دفاعي معاهدو!
ڊاڪٽر رشيد احمد خان
صفحو 4

غلام حسين لغاري
ستاويهين ترميم ڪانپوءِ تبديل ٿيندڙ حالتون!
صفحو 4

لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ۽ ڄامشورو جي نئين ايم ايس پاران تعارفي اجلاس

اسپتال ۾ مريض پنهنجي بهتر علاج جي اميد کڻي اچن ٿا، انهن کي مايوس ناهي ڪرڻو: ڊاڪٽر ارشاد حسين ڪاظمي

اسپتال کي وڌيڪ اپگريڊ ڪرڻ جي لاءِ ڏينهن رات محنت ۽ جستجو ڪرڻي پوندي، جنهن سان ڪجهه ڏينهن ۾ اسپتال ۾ تبديليون نظر ايندڙيون

ٽيم ورڪ ۽ ڊسيپلين ذريعي شفافيت جي ذريعي اسپتال کي صوبي جي مثالي ادارن ۾ ڪيو وڃي، اسان کي وڌيڪ محنت ڪرڻي پوندي: اجلاس کي خطاب

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ۽ ڄامشورو جي نئين مقرر ٿيل ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ(ايم ايس) ڊاڪٽر ارشاد حسين ڪاظمي چيو آهي ته اسان کي عوام جي اعتماد تي پورو لهڻو آهي، چو ته اسپتال ۾ مريض پنهنجي بهتر علاج جي اميد کڻي اچن ٿا ۽ اسان کي انهن مريضن کي مايوس ناهي ڪرڻو اسپتال کي وڌيڪ اپگريڊ ڪرڻ جي لاءِ ڏينهن رات محنت ۽ جستجو ڪرڻي پوندي، جنهن سان ڪجهه ڏينهن ۾ اسپتال ۾ تبديليون نظر ايندڙيون. انهن خيالن جو اظهار هن ڪالهه پنهنجي آفيس ۾ چارج وٺڻ ڪانپوءِ ايڊمنسٽريٽو آفيسرن ۽ شعبن جي انچارجن جي تعارفي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي اي ايم ايس جنرل ڊاڪٽر محمد علي قائمخاني اي ايم ايس جنرل ٽو ڊاڪٽر مجيب الرحمان ڪلوڙ ڊائريڪٽر آئي سي يو ڊاڪٽر ڪاشف علي ميمڻ اي ايم ايس ڊاڪٽر نفيس حيدر چوهاڻ اي ايم ايس ڊاڪٽر پونم جتوئي، آر ايم او جنرل ڊاڪٽر فيصل ميمڻ، آر ايم او ڊاڪٽر ڊاڪٽر سيد اشفاق شاهه رجسٽرار ايڊمن سي او ڊي ڊاڪٽر رفيعه ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. ايم ايس سيد ارشاد حسين ڪاظمي چيو ته مون کي هتي ڏسي خوشي ٿي ته اسپتال ۾ تجربيڪار سينيئر آفيسر موجود آهن جن پنهنجي صلاحيتن تحت اسپتال جي تعمير ۽ ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. پر اسان کي وڌيڪ محنت ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن هتي ايندڙ مريضن جو اعتماد بحال ڪري سگهون. ٽيم ورڪ ۽ ڊسيپلين ذريعي شفافيت جي ذريعي اسپتال کي صوبي جي مثالي ادارن ۾ ڪيو وڃي. هن چيو ته جلد ئي اسپتال کي اسٽيٽ آف آرٽ بنائڻ ۾ ڪامياب ضرور ٿينداسين. هن چيو ته جلد ئي اسپتال جي انتظامي آفيسرن سان ٻيهر اجلاس منعقد ڪري وائيس چانسلر سان ملاقات ڪئي ويندي ته جيئن مريضن جي علاج ۽ خاص طور تي ڊينگي ۽ مليريا جي علاج جي لاءِ پروفيسرن، ڪنسلٽنٽ جيڪي وائيس چانسلر جي ماتحت آهن اهي پنهنجون ذميواريون بهتر طور تي ادا ڪندي اسپتال جي سمورن مريضن جي علاج تي خاص ڌيان ڏين. هن سمورن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته مريضن سان خوش اخلاقي سان پيش اچن اسپتال جي بهتري پهرين ترجيح آهي. ڊاڪٽر ارشاد حسين ڪاظمي واضح ڪيو ته عوام کي معياري ۽ بروقت طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻيندي اسپتال جي سمورن ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪيا ويندا جيڪي ايم ايس جي اختيار ۾ ٿي سگهن ٿا. ملازمن جي مسئلن کان واقف آهيان. اجلاس ۾ اڳوڻي اي ايس ڊاڪٽر علي اڪبر ڏاهري اسپتال جي معاملن جي حوالي سان نئين ايم ايس کي بريفنگ پڻ ڏني.

حيدرآباد: لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ڄامشورو جو نئون مقرر ٿيل ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر سيد ارشاد حسين ڪاظمي عهدو سنڀالڻ کان پوءِ پنهنجي آفيس ۾ انتظامي آفيسرن، شعبن جي انچارجن سان منعقد هڪ تعارفي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي جي ريجنل ڊائريڪٽر پاران اسپتال جو دورو

ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ تعلقہ اسپتال ۾ علاج جي سهولتن جو جائزو ورتو

دوري دوران هن مختلف وارڊن، يونٽن ۽ شعبن جو معائنو ڪيو، زير علاج مريضن کان حال ورتو

گهوٽڪي(ن ع)محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي جي ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ جو تعلقہ اسپتال گهوٽڪي جو دورو، علاج جي سهولتن جو جائزو ورتو. محتسب اعليٰ سنڌ گهوٽڪي جي ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ ميڊيڪل سپرٽنڊنٽ تعلقہ اسپتال گهوٽڪي ڊاڪٽر سرواننڊ سان گڏ تعلقہ اسپتال جو دورو ڪيو جنهن ۾ هن اسپتال جي مختلف سرگرمين انتظامي معاملن ۽ فراهم ڪيل علاج معالجي جي سهولتن جو تفصيلي جائزو ورتو. دوري دوران هن مختلف وارڊن، يونٽن ۽ شعبن جو معائنو ڪيو ۽ زير علاج مريضن کان فراهم ڪيل طبي سهولتن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي. مريضن اسپتال انتظاميا پاران ڏنل علاج، دوائن ۽ سهولتن تي مڪمل اطمينان جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ ايم ايس ڊاڪٽر سرواننڊ کي هدايت ڪئي ته اسپتال ۾ ايندڙ هر مريض کي علاج جون ضروري سهولتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن انهن کي ڪنهن به قسم جي پريشاني جو منهن نه ڏسڻو پوي. هن وڌيڪ چيو ته عوام کي معياري صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي. تنهنڪري اسپتال انتظاميا پنهنجي ذميوارين کي وڌيڪ بهتر نموني نڀائي. فضل محمد شيخ اسپتال انتظاميا جي مجموعي ڪارڪردگي کي ساراهيندي، وڌيڪ بهتري لاءِ ضروري قدمن جي نشاندهي به ڪئي.

گهوٽڪي: محتسب اعليٰ سنڌ جو ريجنل ڊائريڪٽر فضل محمد شيخ جو تعلقہ اسپتال جو دورو ڪري رهيو آهي

زرعي يونيورسٽي ۾ خالص ٻج جي تياري واري تحقيقي منصوبي تحت ڪڻڪ جي پوکي جو افتتاح

موسمي تبديلي، پاڻي جي کوٽ ۽ خالص ٻج جي گهٽتائي سنڌ ۾ ڪڻڪ جي پيداوار لاءِ وڏا چئلينج بڻجي چڪا آهن: ري سي

وڌندڙ آبادي سبب مستقبل ۾ خوراڪ جي کوٽ جا خدشا پيدا ڪري ڇڏيا آهن، موسمي سهپ رکندڙ فصلن تي تحقيق وقت جي اهم ضرورت آهي

زرعي شعبي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سرڪاري ۽ يو بي ايل جهڙن خانگي ادارن سان گڏيل سهڪار لازمي آهي: افتتاحي تقريب کي خطاب

ٽنڊوڄام (ن ع)سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام جي وائيس چانسلر انجنيئر پروفيسر ڊاڪٽر الطاف علي سيال سنڌ زرعي يونيورسٽي ۽ يونائيٽڊ بينڪ لميٽيڊ (يو بي ايل) جي گڏيل تعاون تحت موسمي سهپ رکندڙ اعليٰ معيار جي خالص ٻج جي تياري واري تحقيقي منصوبي تحت ڪڻڪ جي فصل جي پوکي جو افتتاح ڪيو، فارم ۾ ٽريڪٽر هلائي ڪڻڪ جو ٻج پوکيو. هن منصوبي جو مقصد ڪڻڪ جي اهڙين جنسن تي تحقيق ڪرڻ آهي جيڪي موسمياتي دٻاءُ برداشت ڪري سگهن ۽ انهن جي في ايڪڙ پيداوار بهترين هجي، ان سلسلي ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽي ۽ يو بي ايل جي وچ ۾ اهم معاهدو ٿيل آهي جنهن تحت ڪڻڪ ۽ ڪپهه جا خالص ۽ موسمياتي برداشت ڪندڙ ٻج تيار ڪري سگهجهن. افتتاحي تقريب دوران يو بي ايل جي رورل بينڪنگ (ساوٿ زون) جي هيڊ سيد عارف علي شاهه پڻ موجود هئا. تقريب دوران خطاب ڪندي ڊاڪٽر الطاف علي سيال چيو ته موسمي تبديلي، پاڻي جي کوٽ ۽ خالص ٻج جي گهٽتائي سنڌ ۾ ڪڻڪ جي پيداوار لاءِ وڏا چئلينج بڻجي چڪا آهن. هن زور ڏنو ته زرعي شعبي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سرڪاري ۽ يو بي ايل جهڙن خانگي ادارن سان گڏيل سهڪار لازمي آهي. هن وڌيڪ چيو ته وڌندڙ آبادي سبب مستقبل ۾ خوراڪ جي کوٽ جا خدشا پيدا ڪري ڇڏيا آهن، تنهنڪري اهڙين موسمي سهپ رکندڙ فصلن تي تحقيق وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته هن منصوبي ذريعي يونيورسٽي جا سائنسدان ڪڻڪ ۽ ڪپهه جون اهڙيون قسما تيار ڪري رهيا آهن جيڪي نه رڳو خالص هونديون پر موسمي اثرن جو مؤثر مقابلو به ڪري سگهن ٿيون. افتتاحي تقريب ۾ ڊاڪٽر منظور علي ابڙو، ڊاڪٽر اعجاز حسين سومرو، ڊائريڪٽر سيڊ پروڊڪشن اينڊ ڊولپمينٽ سينٽر ڊاڪٽر ظهور حسين سومرو، چيئرمين پلانٽ بريڊنگ اينڊ جينيٽڪس ڊاڪٽر شاهنواز مري، ڊائريڪٽر فارمز ڊاڪٽر محمد مٺل لنڊ، غلام حسين وگڻ سميت ڪيترائي سائنسدان ۽ آفيسرز پڻ موجود هئا.

ٽنڊو ڄام: سنڌ زرعي يونيورسٽي ۽ يو بي ايل جي پيو ٻيج منصوبي لاءِ ڪڻڪ جي پوکي دوران وائيس چانسلر ڊاڪٽر الطاف علي سيال ٻين سان گڏ گروپ فوٽو

ميهڙ راڌڻ روڊ وٽ پاڻي جي ڪڏ مان نامعلوم شخص جو لاش هٿ

ميهڙ(ن ع) ميهڙ راڌڻ روڊ وٽ پاڻي جي ڪڏ مان نامعلوم شخص جو لاش ملي سندس ڏسڻ لاءِ سوين شهري پاڙي وارا گڏ ٿي ويا لاش پاڻي ۾ ٻيل هجڻ ڪري ڳري ويو آهي پوليس پڻ موجود آهي لاش کي ٻاهر ڪڍڻ پوليس بندوبست ڪري رهي آهي

جي يو آءِ 27هين آئيني ترميم خلاف ووٽ ڏئي پنهنجي آئيني ذميواري نڀائي: راشد محمود سومرو

سنڌ سان ٿيل ناانصافين خلاف آواز اٿارڻ وقت جي ضرورت آهي، عوام کي هاڻ ميدان عمل ۾ لهڻو پوندو

دين، ڌرتي، معدنيات، وسيلن، ڀيڻن، عورتن ۽ ٻارڙن جي عزت ۽ تحفظ لاءِ عوام کي هاڻي اڳتي اچڻو پوندو

جيڪڏهن عوام، وطن، دين ۽ غيرت جي بچاءُ لاءِ متحد نه ٿي ته ايندڙ نسلون ڪڏهن به معاف نه ڪنديون: جلسي کي خطاب

خيرپور/سوڀوديرو(نمائندن وڏان) جمعيت علماء اسلام سنڌ جي قائد علامه راشد محمود سومرو ۽ مولانا مير محمد ميرڪ چيو آهي ته سنڌ سان ٿيل ناانصافين خلاف آواز اٿارڻ وقت جي ضرورت آهي ۽ پنهنجي حقن جي تحفظ لاءِ عوام کي ميدان عمل ۾ لهڻو پوندو جي يو آءِ 27هين آئيني ترميم خلاف سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي ۾ ووٽ ڏئي پنهنجي آئيني ذميواري نڀائي آهي علامه راشد محمود سومرو چيو ته جنهن سنڌ جون زمينون ڦٻيون انهن کي تاحيات استثنيٰ ڏيڻ سان سنڌ وڏيڪ نقصان پروپيگنڊي جي يو آءِ اهڙين ناانصافين خلاف ڪڏهن به پوئتي نه هٽندي هن چيو ته ڪنهن به شخص کي سڄي حياتي ڪيس نه ڪولڻ گرفتار نه ڪرڻ يا سزا نه ڏيڻ واري ترميم انصاف ۽ قانون جي بالادستي لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندي علامه راشد محمود سومرو هڪ جلسي کي خطاب ڪندي چيو ته دين، ڌرتي، معدنيات، وسيلن، ڀيڻن، عورتن ۽ ٻارڙن جي عزت ۽ تحفظ لاءِ عوام کي اڳتي اچڻو پوندو هن چيو ته جيڪڏهن عوام وطن، دين ۽ غيرت جي بچاءُ لاءِ متحد نه ٿي ته ايندڙ نسلون ڪڏهن به معاف نه ڪنديون هن وڌيڪ چيو ته صحت جي بهتري، معياري تعليم جي واڌاري ۽ محروم طبقي جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رهندي ۽ جي يو آءِ عوامي امنگن جي ترجمان جماعت آهي جيڪا اسلامي نظام، عوامي خدمت ۽ معاشرتي انصاف لاءِ سرگرم عمل آهي جلسي ۾ شرڪت ڪندڙ ماڻهن علامه سومرو جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي چيو ته آهي سنڌ جي حقن ۽ وسيلن جي تحفظ لاءِ جي يو آءِ جي جدوجهد ۾ هر سطح تي ساٿ ڏيندا.

مانجهند واسي عورتاڻي آواز تي هرڪجي مبينا اغوا

نوجوان مير محمد ڪوسو کي مبينا اغوا ڪندڙن پاران هڪ ڪروڙ پنگ طلب

مير محمد ڪجهه عرصي کان ڪنهن عورت سان عشق جي چڪر ۾ فون تي رابطي ۾ هو

مانجهند (ن ع) مانجهند واسي عورتاڻي آواز تي هرڪجي مبينا اغوا روئني ڪچي ۾ هئڻ جا اطلاع هڪ ڪروڙ پنگ طلب وارث سخت پريشان تفصيل موجب مانجهند جو رهواسي نوجوان مير محمد ڪوسو گذريل 15 ڏينهن کان غائب ٿيڻ کان پوءِ سندس فون نمبر تان مبينا اغوا ڪندڙ وارثن کان هڪ ڪروڙ پنگ طلب ڪيو وارثن موجب مير محمد ڪجهه عرصي کان ڪنهن عورت سان عشق جي چڪر ۾ فون تي رابطي ۾ هو جنهن ڪين ٻڌايو ته هو مٽياري وڃين رهيو آهي پر ڪيترائي ڏينهن گذرڻ باوجود سندس ڏس پتو نه پئجي سگهيو جنهن بعد هاڻي رانوتي ڪچي مان اغوا ڪندڙن فون ذريعي هڪ ڪروڙ پنگ طلب ڪيو آهي پر هو انتهائي غريب هئڻ سبب سخت پريشان آهن هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته سندن نوجوان بازياب ڪرايو وڃي

مٽياري: نيشنل هاءِ وي تي روڊ حادثي هڪ نامعلوم شخص حياتي وڃائي ويٺو

مٽياري (ڊ ر) مٽياري ويجهو نيشنل هاءِ وي تي افسوسناڪ روڊ حادثو پيش آيو جتي هڪ نامعلوم شخص نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موقعي تي فوت ٿي ويو عيني شاهدن موجب فوتي شخص جي عمر لڳ ڀڳ 40 کان 45 ورهين جي وچ ۾ ٻڌائي وڃي ٿي جڏهن ته سندس ذهني توازن به درست نه هو حادثي کان پوءِ گاڏي هلائيندڙ موقعي تان فرار ٿي ويو جنهن بعد اطلاع تي مقامي پوليس ۽ امدادي ٽيمن واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي ڊي ايڇ او اسپتال مٽياري منتقل ڪيو. پوليس جو چوڻ آهي ته فوتي شخص جي سڃاڻپ اڃا تائين نٿي ٿي سگهي.

ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ ۾ ٽي روزا ڪتابي ميلو شروع

ميلي جي افتتاح ڪمشنر شهيد بينظير آباد شهمير خان ڀٽو ڪيو

ڪيڊٽ ڪاليج ۾ هر سال ڪتابي ميلو لڳايو ويندو آهي: ذيشان علي

جام نواز علي (ن ع) ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ ۾ ٽي روزا ڪتابي ميلو شروع ڪتابي ميلي جي افتتاح ڪمشنر شهيد بينظير آباد شهمير خان ڀٽو ڪيو ڪمشنر شهمير خان ڀٽو ڪتابي ميلي ۽ اتي لڳل ڪاڻ پيٽڻ ۽ مختلف اسٽالن جو دورو پڻ ڪيو ان موقعي تي ڪمانڊنٽ و پرسنل ذيشان علي چيو ته ڪيڊٽ ڪاليج ۾ هر سال ڪتابي ميلو لڳايو ويندو آهي هن چيو ته ڪتاب انسان جو خاموش دوست ۽ علم جو روشن ديوو آهي ڪتاب پڙهڻ سان علم ۾ اضافو ۽ ڄاڻ وڌي ٿو ان موقعي تي مهمان خاص ڪمشنر شهيد بينظير آباد شهمير خان ڀٽو چيو ته ڪتابي ميلي لڳائڻ سان شاگردن ۾ ڪتاب پڙهڻ جو شوق علم ۽ شعور پيدا ٿيندو هن چيو ته ڪتاب زنده ۽ روان آهي ڪتاب پڙهڻ سان شاگردن ۾ ناليج وڌندو شاگردن کي ڪتاب جو مطالعو ضروري ڪرڻ گهرجي ان موقعي تي ايڊو ٽريم هال ۾ هڪ پروگرام ٿيو جنهن ۾ ڪمانڊنٽ و پرنسپل ذيشان علي ڪيڊٽ ڪاليج جي علمي سرگرمين بابت آگاهه ڪيو مهمان خاص ڪمشنر شهيد بينظير آباد شهمير خان ڀٽو چيو ته ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ مثالي ڪاليج مان هڪ آهي ڪيڊٽ ڪاليج ۾ بهترين تعليم سٺي ڪارڪردگي تي ڪاليج جي استادن ۽ اسٽاف جي محنت کي ساراهيو ان موقعي تي مهمانن خاص پوزيشن حاصل ڪندڙ ڪيڊٽس ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊ تقسيم ڪيا ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر جام نواز علي ڊپٽي ڪمان محمد فاروق اسلم منظور احمد، شاهنواز مري، استاد ڪيڊٽس وڏي انگ ۾ موجود هئا ڪتابي ميلي ۾ ڪاڻ پيٽڻ ۽ شاگردن جي سير وتفريح لاءِ جهولا پڻ لڳايا ويا هئا

جام نواز علي: ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ ۾ ڪتابي ميلو ڪمشنر شهيد بينظير آباد افتتاح ڪري رهيو آهي

مسوري گڙهي ۽ آسپاس بااثرن جي ٽريڪٽرن تي لڳايل گوبل هر روڊن کي ڪيڙي ٻڻائڻ لڳا

بااثر وڏيرن جي ٽريڪٽرن تي لڳايل گوبل هر ذريعي روڊن کي سخت نقصان، رستا اجاڙ حالت جو شڪار

بغير ٽائرن جي گوبل هرن وارن ٽريڪٽرن خلاف فوري قانوني ڪارروائي ڪري قومي اثاثن جي وڌيڪ تباهي کي روڪيو وڃي: رهواسي

جيڪڏهن وقت سر قدم نه کنيا ويا ته روڊ مڪمل طور ناقابل استعمال ٿي پوندا، جنهن جو سڌو اثر علائقي جي روزمره زندگي ۽ معيشت تي پوندو

مسوري گڙهي (ن ع) مسوري گڙهي ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ بااثر وڏيرن جي ٽريڪٽرن تي لڳايل گوبل هر ذريعي روڊن کي سخت نقصان جنهن سبب ڪيترائي اهم رستا اجاڙ حالت جو شڪار ٿي ويا آهن حد جي پوليس جي موجودگي باوجود روڊ تباهه ڪندڙ ٽريڪٽرن جو آزادانه گهمڻ ڦرڻ مقامي رهواسين ۽ سماجي حلقن ۾ شديد ڳڻتي پيدا ڪري ڇڏي آهي عيني شاهدن موجب، اهي ٽريڪٽر بغير گوبل هر جي ٽائرن جي سڌو سنئون روڊن تي اکيڙڻ لڳا، جنهن سبب قومي خزاني کي ڪروڙين رپين جو نقصان ٿي رهيو آهي علائقي جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن دوست علي لغاري، پير بخش آرائين، گلزار ڪلهوڙو ۽ ٻين جو چوڻ آهي ته روڊن جي تباهي نه صرف آمد و رفت کي متاثر ڪري رهي آهي، پر ايمرجنسي سروسز ۽ ڪاروباري نظام به سخت متاثر ٿيو آهي اڳواڻن هاءِ ويز ڪاتي سنڌ ۽ ايس ايس پي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي ته بغير ٽائرن جي گوبل هرن وارن ٽريڪٽرن خلاف فوري قانوني ڪارروائي ڪري قومي اثاثن جي وڌيڪ تباهي کي روڪيو وڃي مقامي ماڻهن جو پڻ موقف آهي ته جيڪڏهن وقت سر قدم نه کنيا ويا ته روڊ مڪمل طور ناقابل استعمال ٿي پوندا، جنهن جو سڌو اثر علائقي جي روزمره زندگي ۽ معيشت تي پوندو

مسوري گڙهي: ٽريڪٽرن تي لڳايل گوبل هر جو تيڪ

عثمان شاه هٽڙي ۾ قتل ڪيس جو جوابدار عمرساند پوليس گرفتار ڪري ورتو

محبوب عالم ڀهوڙ ۽ سندس ٽيم ٽنڊوآدم روڊ تي ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي

گرفتار ڏٽي بخش جلباڻي هڪ سال اڳ پنهنجي ڏاڙ نائلا ڪلهوڙو جو قتل ڪري فرار ٿيو هو

عثمان شاه هٽڙي (ت ر) عمرساند ٿاڻي جي ايس ايڇ او محبوب عالم ڀهوڙ پنهنجي پوليس نفري سان گڏ ڳجهي اطلاع تي عثمان شاه هٽڙي ويجهو ٽنڊوآدم مين روڊ جي بس اسٽاپ هاشم پونديري وٽ ڪارروائي ڪندي قتل جي ڪيس ملوث گهربل مڪ جوابدار ڏٽي بخش جلباڻي کي گرفتار ڪيو آهي ايس ايڇ او عمرساند محبوب عالم ڀهوڙ صحافين کي ٻڌايو ته گرفتار اشتهاري ڏوهاري هو جنهن هڪ سال اڳ تعلقي جهندومري جي پوليس ٿاڻي مشائخ هوٽلي جي حد ۾ پنهنجي ڏاڙ مسمات نائلا عرف صابران ڪلهوڙو کي پسٽل جا فائر ڪري قتل بعد فرار ٿي ويو هو جنهن کي عمرساند پوليس گرفتار ڪيو ڪيس سياڻي ٽنڊوالهيار جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو. شهرين ايس ايس پي ٽنڊوالهيار سيد سليم شاه عمرساند ٿاڻي جي SHO محبوب عالم ڀهوڙ سندس جوانن کي شاباس ڏني

عثمان شاه هٽڙي: پوليس پاران گرفتار ڪيل قتل ڪيس جو جوابدار

صوفي يونيورسٽي ڀٽ شاهه ۾ مبينه بدانتظامي، مالي بيضابطگين ۽ اختيارن جي غلط استعمال جا الزام

سول سوسائٽي، شهرين ۽ قومپرست تنظيمن پاران صوفي يونيورسٽي ۾ بدانتظامي ۽ مالي بي ضابطگين جي فوري جاچ جو مطالبو

يونيورسٽي ۾ ڪروڙين رپين جون غيرشفاف خريداريون، من پسند مقررين ۽ انتظامي نااهلي سبب تعليمي عمل متاثر ٿي رهيو آهي: ذوالفقار ڏيٿو

صرف هڪ عرصي ۾ 14 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ رقم غير شفاف طريقي سان خرچ ڪئي وئي آهي، جنهن جو ڪو به واضح حساب موجود ناهي

مٽياري (ڊ ر) مٽياري جي سول سوسائٽي، شهرين ۽ قومپرست تنظيمن پاران صوفي يونيورسٽي ۾ بدانتظامي ۽ مالي بي ضابطگين فوري جاچ جو مطالبو مٽياري جي صوفي يونيورسٽي ڀٽ شاهه ۾ مبينه بدانتظامي، مالي بي ضابطگين ۽ اختياري غلط استعمال جا سنگين الزام سامهون اچي ويا آهن جنهن لاءِ مٽياري جي شهرين ذوالفقار ڏيٿو سجيل سالاريو شهزاد سمون ۽ ٻين چيو ته يونيورسٽي ۾ ڪروڙين رپين جون غيرشفاف خريداريون من پسند مقررين ۽ انتظامي نااهلي سبب تعليمي عمل متاثر ٿي رهيو آهي پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندڙن چيو ته: صوفي يونيورسٽي سنڌ جي علمي ۽ ثقافتي ساک جي علامت آهي، ان لاءِ شفافيت ۽ احتساب وقت جي ضرورت آهي انهن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن حڪومت نوٽيس نه ورتو ته استاد، شاگرد ۽ سول سوسائٽي مرحليوار احتجاجي مهم شروع ڪندا. يونيورسٽي ۾ مالي معاملن ۾ شفافيت جو فقدان آهي، جتي ڪروڙين رپين جي غيرقانوني خريداري، ٽيڪن جي غير شفاف ورهاست ۽ انتظامي عملدارن جي من پسند مقررين وڏي سطح تي جاري آهن رپورٽن مطابق صرف هڪ عرصي ۾ 14 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ رقم غير شفاف طريقي سان خرچ ڪئي وئي آهي جنهن جو ڪو به واضح حساب موجود ناهي صوفي يونيورسٽي ۾ ڪجهه اختيارين پاران انتظامي عهدن تي پنهنجي من پسند ماڻهن جون غيرقانوني مقرريون ڪيون ويون آهن جن ۾ مبينا طور تي شاهه لطيف يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر پروفيسر ارشد سليم آرائين ۽ سندس ويجها عملدار به شامل آهن آخر ۾ اڳواڻن چيو ته صوبائي حڪومت، نيب (NAB)، اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ ۽ هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) کان فوري جاچ ۽ ذميوارن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو آهي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

حيدرآباد جا وڪيل انصاف جي فراهمي ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪن ٿا: ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري

چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ وڪيل برادري لاءِ عملي بنيادن تي نيون سهولتون متعارف ڪرائيندس

وڪيلن جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرائڻ لاءِ نه صرف بار سطح تي پر عدالتي ۽ انتظامي سطح تي به جدوجهد ڪندس

بار ايسوسيئيشن کي هڪ متحرڪ متحد ۽ منظم ادارو بڻائڻ لاءِ گڏيل فيصلن ۽ شفاف نظام کي اڳتي وڌائڻ ضروري آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي ساليانه چونڊن جي حوالي سان نائب صدر جي عهدي لاءِ اميدوار ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري پنهنجي چونڊ مهم دوران حيدرآباد جي وڪيل برادري جي فلاح ۽ بهبود بابت خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري چيو آهي ته حيدرآباد جا وڪيل نه صرف عدالتي نظام جو اهم حصو آهن پر انصاف جي فراهمي ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪن ٿا تنهنڪري انهن جي فلاح عزت ۽ سهولتن جو تحفظ سندس پهرين ترجيح هوندي هن واضح ڪيو ته چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو وڪيل برادري لاءِ عملي بنيادن تي ڪيترين ئي نيون سهولتون متعارف ڪرائيندس هن چيو ته وڪيلن جي ڪم لاءِ جديد طرز جون سهولتون بار ۾ علمي ۽ قانوني سرگرمين کي هٿي ڏيڻ لاءِ اسيدوار جونيئر وڪيلن جي تربيت لاءِ سيمينار ۽ ورڪشاپس جو سلسلو شروع ڪرڻ ۽ بيمار يا معاشي طور ڏکيائيءَ ۾ مبتلا وڪيلن لاءِ فلاح فنڊ قائم ڪرڻ منهنجا اهم هدف آهن هن وڌيڪ چيو ته حيدرآباد جي هر وڪيل سان ڏينهن رات گڏ هوندس سندن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرائڻ لاءِ نه صرف بار سطح تي پر عدالتي ۽ انتظامي سطح تي به جدوجهد ڪندس هن زور ڏنو ته بار ايسوسيئيشن کي هڪ متحرڪ متحد ۽ منظم ادارو بڻائڻ لاءِ گڏيل فيصلن ۽ شفاف نظام کي اڳتي وڌائڻ ضروري آهي جنهن لاءِ هو سڀني ساٿين جي راءِ ۽ ڀائيواريءَ سان گڏ اڳتي وڌندس چونڊ مهم دوران ڪيترن ئي وڪيل اڳواڻن ۽ قانوني شخصيتن به ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري جي اميدواريءَ جي حمايت جو اعلان ڪندي چيو آهي ته جي ايم لغاري جو عملي تجربو ايمانداري ۽ خلوص حيدرآباد بار لاءِ هڪ مثبت تبديلي آڻي سگهي ٿو

پرياسٽي ۾ اڳوڻي ايم پي اي سيد مراد علي شاهه خلاف احتجاج

اڳوڻو ايم پي اي سيد مراد علي شاهه پنجاهه کان وڌيڪ گهر خالي ڪرائڻ چاهي ٿو: مظاهرين

جاٺايل پلاٽ منهنجا آهن ان جا ڪاغذات مون وٽ آهن پلي جاچ ڪرائي وڃي: مراد علي شاهه

پرياسٽي(ن ع) پرياسٽي جي جوکيو ڪالوني وارڊ ڪي جي رهواسي سوين معصوم ٻارڙن عورتن ۽ مردن جو اڳوڻي ايم پي اي سيد مراد علي شاهه جي مبينا زيادتين خلاف جڳهين تي قبضي خلاف قرآن پاڪ هٿن ۾ کڻي ٽي ڪئي سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو هنن چيو ته اسان سٺ سالن کان هتي آباد آهيون پ پ جا ووٽر آهيون ڪچا ڪکائون گهر لوڙهن سان ٺهيل آهن. اڳوڻو ايم پي اي سيد مراد علي شاهه پنجاهه کان وڌيڪ گهر خالي ڪرائڻ چاهي ٿو ۽ لڏائڻ لاءِ ڪلهوڙا برادري جا ماڻهو اسان جي گهرن ۾ داخل ٿيا آهن ٻچن سان گڏ ٻيهاري ڇڏيا اٿئين ان سلسلي ۾ مٺل جوکيو محراب منظور جوکيو خميسو جوکيو ۽ ٻين چيو ته اڳوڻو ايم پي اي سيد مراد علي شاهه پوري جوکيو ڪالوني کي خالي ڪرائڻ دوڪان ٺهرائڻ چاهي ٿو جيڪا سراسر زيادتي آهي اسان غريب ۽ مسڪين آهيون گذريل سٺ سالن کان هتي ويٺل آهيون ڪچا گهر ۽ لوڙها آهن. هاڻ اسان کي دربدر ڪيو ٿو وڃي.نوٽيس وٺي ازالو ڪيو وڃي ٻئي پاسي اڳوڻي ايم پي اي سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته جاٺايل پلاٽ منهنجا آهن ان جا ڪاغذات مون وٽ آهن پلي جاچ ڪرائي وڃي اسان جي وڏن صرف ويهڻ لاءِ جڳهه ڏني هئي .هاڻ هو اٿڻ لاءِ تيار ناهن

ٺري ميرواهه ۾ سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي احتجاج

آئين ۾ 26 ۽ 27 ترميمن خلاف عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ

صوبن جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: وڪيل

ٺري ميرواهه(ن ع) سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي آئين ۾ 26 ۽ 27 ترميمن خلاف ٺري ميرواهه بار ايسوسيئيشن جي وڪيل برادري طرفان عدالتي ڪاروائين جو بائيڪاٽ ڪري جڊيشنل ڪمپليڪس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي ٺري ميرواهه بار ايسوسيئيشن جي صدر ايڊووڪيٽ مهتاب احمد شر جنرل سيڪريٽري شهادت رضا لغاري، ايڊووڪيٽ امداد خاصخيلي ايڊووڪيٽ غفار ملاح ايڊووڪيٽ احمد جام ۽ ٻين وڪيلن پاران احتجاج ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي .ان موقعي تي وڪيلن چيو ته آئين جي 26 ۽ 27 ترميمن تحت صوبن کي ورهائڻ جي سازش ٿي رهي آهي ۽ صوبن جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جيڪا ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي. وڪيل اڳواڻن وڌيڪ چيو ته اهي ترميمون صوبائي خودمختياري خلاف آهن.وڪيلن جي هڙتال سبب عدالتن ۾ ڪيسن جي ٻڌڻي نه ٿي سگهي.

ٺري ميرواهه: سنڌ بار ڪائونسل جي سڏ تي احتجاج ڪيو پيو وڃي

صحت جي ماهرن پاران شگر جي بيماري ايٽم بم قرار

پاڪستان ۾ هر 10 ماڻهن مان 3 شهري شگر جي بيماري ۾ ورتل آهن: ماهر

ملڪ ۾ شگر جي بيماري ۾ مبتلا مريضن جو انگ ساڍا 3 ڪروڙ کان وڌي ويو آهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) صحت جي ماهرن شگر جي بيماري کي ايٽم بم قرار ڏيندي فوري احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ جي صلاح ڏئي چڏي آهي پاڪستان ۾ هر 10 ماڻهن مان 3 شهري شگر جي بيماري ۾ ورتل. شگر جي عالمي ڏينهن جي موقعي پاڪستان سوسائٽي آف انٽرنيشنل ميڊيسن حيدرآباد چيپٽر جي اڳواڻن ڊاڪٽرخالد شيخ،ڊاڪٽرصادق ميمڻ،ڊاڪٽر عدنان باواڻي،ڊاڪٽر سنتوش،پروفيسر ڊاڪٽر نائلا مسعود ۽ ٻين ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ شگر جو مرض تيزي سان وڌي رهيو آهي هن وقت پاڪستان ۾ شگر جي بيماري ۾ مبتلا مريضن جو انگ ساڍا 3ڪروڙ کان وڌي ويو آهي ۽ دنيا ۾ شگر جي بيماري ۾ پاڪستان جو ٽيون نمبر آهي. هنن چيو ته شگر جي بيماري انتهائي خطرناڪ آهي شگر جي بيماري انسان جي ٻين عضون کي به متاثر ڪندي آهي. هنن چيو ته شگر کان بچاءُ لاءِ مانئي ۽ مٺي شين جو استعمال گهٽائڻ گهرجي ڪڻڪ ۾ ملاس جو تناسب ڪٽ جي 10گرام برابر آهي ان ڪري مانئي کائڻ وقت مانئي کي هر شئي جو ذريعو بڻائي کائڻ بدران چمچي جو استعمال ڪيو وڃي. هنن چيو ته روزمره جي زندگي سان ورش ۽ واڪ جو نڪري وڃڻ به شگر جو سبب آهي ان ڪري پنهنجي وزن تي ڪنٽرول لاءِ ورزش انتهائي ضروري آهي. هنن چيو ته پيٽ جو وڌڻ به شگر جو سبب ٿي سگهي ٿو ان ڪري پيٽ کي وڌڻ کان روڪڻ ضروري آهي. هنن چيو ته شگر جي مريضن ۾ آمريڪا پهريون پارٽ بيو ۽ پاڪستان ٽئين نمبر تي آهي جڏهن ته مريضن ۾ اضافي جي حساب سان پاڪستان پهرين نمبر تي آهي.

پرياسٽي ۾ چتي ڪڌهه ٻن عورتن سميت ٽن ڄڻن ڏاڍي زخمي ڪري ڇڏيو

پرياسٽي(ن ع) پرياسٽي جي وارڊ 5 راجپوت محلا ۾ چتي ڪڌهه ٻن عورتن سميت ٽن ڄڻن ڏاڍي زخمي ڪري ڇڏيو . ان سلسلي ۾ پاڙي واسي نوجوان آصف راجپوت ٻڌايو ته چتي ٿيل ڪڌهه پاڙي جي ٻن عورتن ۽ هڪ پاڙي واسي محمد سليم کي چڪ هڻي زخمي ڪري ڇڏيو آهي . جڏهن ته ڪڌهه جي چڪ ۾ زخمي ٿيل محمد سليم کي زخمي نواب شاهه کڻائي ويا آهن . هن وڌيڪ ٻڌايو ته ٽائون انتظاميا کي آگاهه ڪيو آهي پر هن مهل تائين ڪوبه ملازم نه پهتو آهي . چتي ڪڌهه سبب پاڙي جا معصوم ٻارڙن سميت ٻين ۾ سخت خوف حراس ڇانيل آهي . هن ٽائون انتظاميا سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو ته فورن چتي ٿيل ڪڌهه کي زهر ڏيئي ماريو وڃي ته جيئن وڌيڪ قيمتي حياتيون بچي سگهن

مسوري گڙهي جي رهواسي ڪيول مينگهواڙ جو پوليس خلاف احتجاج

مسوري گڙهي (ن ع) مسوري گڙهي جي رهواسي ڪيول مينگهواڙ پريس ڪلب مسوري گڙهي آڏو هٽڙي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته آئون مسڪين غريب پورهيت آهيان مسوري گڙهي لڳ ڳوٺ شهداد بروهي ويجهو فصل مان مال لاءِ گاهه ڪندو آهيان 3 ڏينهن اڳ مهنجي موٽرسائيڪل نامعلوم چور ڪاهي فرار ٿي ويا آهن. هٽڙي ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي اٿم پر پوليس پاران ڪو به تعاون ناهي ڪيو ويو ، هن احتجاج ڪندي چيو ته هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ شهري غير محفوظ بڻيل آهن. ايس ايس پي حيدرآباد عديل چانڊيو صاحب نوٽيس وٺي هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي علائقي واسين کي تحفظ فراهم ڪري، هن چيو ته مهنجي چوري ٿيل موٽر سائيڪل برآمد ڪرائي مون سان انصاف ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ احتجاج جاري رکيو ويندو

مسوري گڙهي: رهواسي ڪيول مينگهواڙ جو پوليس خلاف احتجاج

خيرپور ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچرل جا ڇاپا

اظهر علي ويسر دوڪانن تي اوچتو ڇاپا هڻي زرعي دوائن چيڪ ڪيون

اسان جو مقصد آبادگارن لاءِ پيسٽيسائيڊ ۽ فرٽيلائيزر کي محفوظ بڻائڻ آهي: اظهر علي ويسر

خيرپور(ڊ ر) ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچرل ضلع خيرپور اظهر علي ويسر ايگريڪلچرل آفيسر رياض حسين، ڊاڪٽر سجاد کهڙو ۽ سندن ٽيم خيرپور جي مختلف علائقن پنجهٽي، شادي شهيد روڊ، ڪوٽڏيجي روڊ تي پيسٽيسائيڊ ۽ فرٽيلائيزر جي دڪاندان مڪيش ڪمار،جميل ابڙو سجاد آرائين، بابو پاٽيا ۽ ٻين دوڪانن تي اوچتو ڇاپا هڻي زرعي دوائون چيڪ ڪيون ۽ سيمپل ورتا. ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايگريڪلچرل اظهر علي ويسر ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جو مقصد آبادگارن کي پيسٽيسائيڊ ۽ فرٽيلائيزر کي محفوظ بڻائڻ آهي ۽ زراعت کي هٿي ڏيارڻ آهي هن چيو ته زرعي دوائن ۾ ٻه نمبري ۽ جعلسازي ڪنهن به صورت برداشت نه ڪنداسين، جعلي دوائون ۾ ملوث دڪاندارن خلاف بنا فرق جي ڪارروائي ڪئي ويندي، ڪنهن کي به بخش نه ڪيو ويندو اظهر علي ويسر وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت ۽ ايگريڪلچرل کاتي سنڌ طرفان مستحق آبادگارن لاءِ مفت ٻج ۽ ڀاڻ جي مد ۾ آبادگارن جي مالي معاونت ڪري رهيا آهيون ٻج ڀاڻ لاءِ آبادگارن کي سندن ڏنل اڪائونٽن ذريعي رقم جي منتقلي شروع ٿي وئي آهي اها رقم آبادگارن کي ڪڻڪ جي پوکي واري سيزن يعني 15 ڊسمبر 2025 تائين مڪمل ڪئي ويندي.

حيدرآباد ۾ معذور ڪوٽا تحت نوڪريون نه ملڻ خلاف احتجاج

نعيم قريشي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

اڻ پڙهيل نوجوان سرڪاري نوڪري نه هجڻ سبب بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن: نعيم قريشي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) معذورن جي بحالي واري تنظيم اي ڊبليو ايڇ پي پاران معذور ڪوٽا تحت نوڪريون نه ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون نعيم قريشي،محمد خالد،محمد رفيق،محسف سليمان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته حيدرآباد ۾ سوين پڙهيل لکيل معذور نوجوان مفلسي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن جڏهن ته هزارين گهٽ پڙهيل لکيل ۽ اڻ پڙهيل نوجوان سرڪاري نوڪري نه هجڻ سبب بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن. هنن چيو ته سنڌ حڪومت پاران معذورن لاءِ سرڪاري نوڪرين ۾ 5سيڪڙو ڪوٽا مقرر ٿيل آهي پر ان تي عمل نٿو ڪيو وڃي يا وري من پسند ماڻهن کي نوڪريون ڏنيون وڃن ٿيون جيڪا بي پهچ معذورن سان زيادتي آهي. هنن چيو ته معذور ڪوٽا تحت نوڪريون نه ملڻ خلاف عدالت ۾ درخواست داخل ڪيل آهي. هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته معذور ڪوٽا تحت سرڪاري نوڪريون ڏئي مفلسي کان بچايو وڃي

مانجهند پرسان ٻن ڌار ڌار روڊ حادثن ۾ نوجوان مولوي فوت عورت سميت 5 ڄڻا زخمي

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان ڳوٺ راڄڙي انڊس هاءِ وي تي ڪير کڻي ويندڙ مزدا ۽ ڪار جي ٽڪر ۾ هڪ عورت باديه گل زمان شيخ سخت زخمي ٿي پئي جنهن کي لمس اسپتال ڄامشورو منتقل ڪيو ويو ٻي طرف ڪراچي کان سيوهڻ طرف ويندڙ تبليغي جماعت سوارن جي ڪار انڊس هاءِ وي جي متبادل روڊ تي چڙهڻ دوران ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ عمار پٺاڻ ولي رحمان پٺاڻ قاري عبدالناقي فضل رحيم زخمي ٿي پيا جن کي تعلقہ اسپتال مانجهند مان ڳڻتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد ريفر ڪيو جتي 30 ورهين جو قاري عبدالناقي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي ملاڪاتيار پهتو، عذرخواهيون

ملاڪاتيار(ن ع) ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي، نثار ڪيريو باغي رفيق ملاح ڊاڪٽر احمد نوناري سان گڏ ضلعي صدر اقبال حلاجاڻو سيد سارنگ شاهه ۽ پارٽي جي ٻين اڳواڻن ڳوٺ جهنگ ڪاتيار پهچي، پلڙي شاهه ڪريم جي

اوڏيرولال لڳ ڳوٺ پير عامر غوث ۾ غوثيه جماعت جي مريدن پاران مظاهرو

زمين تي مبينه قبضي ۽ سجادا نشين جي ڪردارڪشي خلاف احتجاج ڪيو ويو

اسان جو مرشد پير محمد عامر غوث هڪ عزتدار ۽ شريف انسان آهي: شير محمد ڪيريو

اوڏيرولال(ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن لڳ ڳوٺ پير عامر غوث ۾ غوثيه جماعت جي مريدن پاران زمين تي مبينه قبضي ۽ سوشل ميڊيا تي سجادا نشين جي ڪردارڪشي خلاف سوين مريدن سخت احتجاج ڪيو. احتجاج ڪندي اڳواڻن شير محمد ڪيريو احمد ميرجت، خليفو يعقوب ميرجت ۽ ٻين چيو ته غوثيه جماعت جي سجادا نشين مخدوم پير محمد غوث سان مبينا زيادتي ۽ سندس ذاتي زمين تي بااثر ماڻهن طرفان قبضو ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن ، جڏهن ته سوشل ميڊيا تي منظم طريقي سان سندس خلاف ڪردارڪشي ڪرڻ لاءِ مهم پڻ هلائي پئي وڃي، جنهن سبب اسان مريدن جي سخت دل آزاري ٿي رهي آهي اسان جو مرشد پير محمد عامر غوث هڪ عزتدار ۽ شريف انسان آهي جنهن جي ڪردارڪشي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. آئي جي سنڌ. ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ڊپٽي ڪمشنر مٽياري کان مطالبو ٿا ڪيون ته پير محمد غوث جي زمينن تي قبضي ۽ سندس سوشل ميڊيا تي ڪردارڪشي ڪندڙ بااثرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪراچي شهر ۾ هلندڙ سال جي دوران حادثن ۾ فوتين جو انگ 755 ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) ڪراچي شهر ۾ هلندڙ سال جي دوران مختلف علائقن ۾ موٽرسائيڪل ٽريفڪ حادثن ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت فوت ٿيندڙ ماڻهن جو ڪُل انگ 755 تائين پهچي ويو آهي، جنهن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن ۽ 10 هزار 800 کان وڌيڪ شهري زخمي ٿيا آهن ڇيپا فائونڊيشن پاران جاري ڪيل انگن اکرن موجب شهر جي مختلف علائقن ۾ موٽرسائيڪل حادثن ۾ ڪُل 755 ماڻهو پنهنجون زندگيون وڃائي ويٺا جن ۾ 589 مرد، 73 عورتون 71 ٻار ۽ 22 ڇوڪريون شامل آهن رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته شهر ۾ ٽريفڪ حادثن ۾ ڪُل 10,856 ماڻهو زخمي ٿيا، جن ۾ 8,487 مرد، 1,703 عورتون 509 ٻار ۽ 157 ڇوڪريون شامل آهن ڇيپا فائونڊيشن موجب گذريل 317 ڏينهن ۾ شهر ۾ ڳري گاڏين سان ٿيندڙ موٽرسائيڪل حادثن ۾ ڪُل 227 ماڻهو فوت ٿيا

ٻڍو قمبراڻي پوليس جي صابڻ دستي ڪيري موري وٽ ڪارروائي

ڳوٺ گجر ڪوٽ مان چوري ٿيل پاڏو ڳوپچاڻي لڳ ڪمند جي فصل مان هٿ

پوليس پاڏو تحويل ۾ وٺي مالڪن حوالي ڪيو چورن جي نشاندهي ٿي چڪي آهي: پوليس

نئون دمبالو(ن ع) صابڻ دستي ڪيري موري ٻڍو قمبراڻي پوليس جي وڏي ڪارروائي گذريل رات صابڻ دستي لڳ ڳوٺ گجر ڪوٽ مان چور هرسن ولد رڪنات پيل جو پاڏو نامعلوم چور چوري ڪري ويا جنهن تي ڪيري موري پوليس پوسٽ انچارج عبدالخالق جروار صابڻ دستي پوسٽ انچارج عنايت جروار نئون دمبالو پوسٽ انچارج اشتياق جت ٻڍو قمبراڻي پوسٽ انچارج انور ڪلوئي وڏي جدوجهد ڪانپوءِ 30 ڪلو ميٽر پنڌ ڪري پيرين سان گڏجي ڳوٺ بادل ڳوپچاڻي لڳ ڪمند جي فصل ۾ چور پاڏو ڇڏي فرار پوليس پاڏو تحويل ۾ وٺي مالڪن حوالي ڪيو پوليس کي مبارڪون ۽ شاباسي جو سلسلو شروع پوليس موجب چورن جي نشاندهي ٿي چڪي آهي جلد گرفتار ڪيو ويندو.

خيرپور جي پرگڙي پاڙي ۾ مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

گهرو اڻبڻت تان جهيڙي ۾ فائرنگ، ٻه عورتن سميت ٽي ڄڻا زخمي

واقعو سڳاٽي تڪرار تان پيش آيو وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي شاهه لطيف ٽائون ٿاڻي جي حد پرگڙي پاڙي ۾ مهر برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ گهرو اڻبڻت تان جهيڙو، فائرنگ سبب ٻه عورتن سميت ٽي نصيبان مسمات پيبي ۽ گل محمد سخت زخمي ٿي پيا جن کي سول اسپتال خيرپور داخل ڪيو ويو. جڏهن ته واقعي جو اطلاع ملڻ تي شاهه لطيف ٽائون ٿاڻي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 15 نومبر 2025ع

27هين ترميم جي منظوري: جمهوري نظام لاءِ نوان چئلينج

پاڪستان ۾ 27هين آئيني ترميم جي منظوري ۽ ان کان پوءِ وفاقي آئيني عدالت جو قيام، ملڪ جي آئيني تاريخ ۾ هڪ وڏو ۽ ڳرو باب شامل ڪري چڏيو آهي. قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ مان ترميم جي منظوريءَ کان پوءِ جنهن رفتار سان نئين عدالت جي سربراهه ۽ ججز کان حلف ورتو ويو ان سان هڪ طرف نئين عدالتي ڍانچي کي فعال بڻائڻ جو سرڪاري عزم ظاهر ٿيو آهي ته ٻئي طرف ٻه سينيئر ججز جي استعيفائن ملڪ جي آئيني، عدالتي ۽ سياسي مستقبل بابت ڪيترائي سوال ڪڙا ڪري ڇڏيا آهن. اسلام آباد ۾ ايوانِ صدر ۾ ٿيل تقريب ۾ جسٽس امين الدين خان وفاقي آئيني عدالت جي پهرين سربراهه طور حلف کنيو نون ججز جسٽس حسن اظهر رضوي، جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس علي باقر نجفي پڻ حلف کنيو آهي. هي انتظامي قدم اهو تاثر ڏئي ٿو ته نئين عدالت کي تڪڙو فعال بڻائڻ لاءِ حڪومت ۽ رياست جون اعليٰ قوتون هڪجهڙو موقف رکن ٿيون. پر سوال اهو آهي ته ڇا هيءَ ترميم ۽ ان جي نتيجي ۾ قائم ٿيندڙ عدالت واقعي آئيني بحران حل ڪندي يا وڌيڪ بحران جو پيش خيمو بڻجندي؟ هن سڄي عمل ۾ سڀ کان اهم ۽ ڳرو موڙ ٻن سينيئر ججز- جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله جي استعيفائن سان اڀري ٿو. ٻنهي ججز 27هين آئيني ترميم کي سپريم ڪورٽ تي 'سنگين حملو' قرار ڏنو آهي. جسٽس منصور علي شاهه پنهنجي 13 صفحن جي استعيفيٰ لکي آهي، جسٽس اطهر من الله پڻ پنهنجي استعيفيٰ ۾ وڌيڪ سخت موقف اختيار ڪيو آهي. ججن جا اهي اعتراض معمول جا اختلاف ناهن. اهي هڪ رياستي بحران جي شروعات به ٿي سگهن ٿا. پاڪستان جي تاريخ ۾ هر اهڙو قدم جيڪو عدليه جي آزاديءَ کي محدود ڪري يا انتظامي اختيار کي حد کان وڌائي، گهڻو وقت هضم نٿو ٿي سگهي. عدليه ۽ انتظاميا جو توازن هميشه رياست جي استحڪام لاءِ اهم رهيو آهي ۽ جڏهن به هي توازن بگڙيو آهي، ملڪ سياسي انتشار بي اعتمادي ۽ ادارن جي ٽڪراءَ جو شڪار ٿيو آهي. ٻئي طرف حڪومت ۽ رياستي حلقا دليل ڏين ٿا ته وفاقي آئيني عدالت جو قيام عدالتي نظام ۾ تيزي، ڪارڪردگي ۽ آئيني تفسيرن لاءِ هڪ واضح فورم فراهم ڪندو پر سوال اهو آهي ته جڏهن سپريم ڪورٽ پاڻ آئيني ترميمن جي تشريح جو اعليٰ ادارو آهي، تڏهن هڪ نئين آئيني عدالت جو قيام ڇا ضرورت تحت ڪيو ويو آهي يا سياسي مجبوريءَ سبب؟ جسٽس امين الدين خان جيڪي هن مهيني جي آخر ۾ رٽائر ٿيڻ وارا هئا کي نئين عدالت جو سربراهه بڻايو ويو آهي جنهن لاءِ حڪومت جو مؤقف آهي ته جسٽس امين الدين خان هڪ سينيئر ۽ آئيني معاملن ۾ تجربيڪار جج آهن ۽ سندس سربراهي نئين عدالت جي وقار ۾ اضافو ڪندو.

سامهون صورتحال هي آهي ته ملڪ ۾ هڪ نئين عدالتي نظام جو آغاز ٿي چڪو آهي، پر گڏوگڏ سپريم ڪورٽ اندر اختلاف وڌي رهيا آهن. عدليه جي تقسيم ٿيڻ جو خطرو موجود آهي ۽ تاريخ ٻڌائي ٿي ته عدالتي اختلاف سدائين رياست جي ڪمزور ٿيڻ جو سبب بڻجن ٿا. جڏهن اعليٰ عدليه پاڻ تڪرار جو شڪار ٿئي ته عوام جو انصاف تي اعتماد لوڏڻ جو شڪار ٿي وڃي ٿو 27هين آئيني ترميم يقيناً ملڪ جي سڀ کان وڏي بحث جو موضوع بڻجي چڪي آهي. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ڇا هيءَ ترميم رياست کي مضبوط ڪندي يا نون تڪرارن جو سبب بڻجي، ملڪ کي وڌيڪ پريشانين ڏانهن ڌڪيندي؟ ضروري آهي ته پارليامينٽ، عدليه ۽ رياست جا اهم ادارا هڪ اهڙو حل ڳولين جنهن سان آئيني حاڪميت، عدالتي آزادي ۽ جمهوريت جو روح محفوظ رهي سگهي. ڇو ته عدليه جي آزادي فقط ادارن جي طاقت جو سوال ناهي، اهو عام ماڻهوءَ جي انصاف تائين رسائيءَ جو بنيادي ضامن آهي ۽ جڏهن هيءَ ضمانت ڪمزور ٿئي ٿي، تڏهن رياست جو امن خطري ۾ پئجي ويندو آهي.

ستاويهين ترميم ڪانپوءِ تبديل ٿيندڙ حالتون!

غلام حسين لغاري

قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ مان 27هين ترميم جي پاس ٿيڻ ۽ ان تي صدرِ مملڪت پاران فوري طور صحيحون ڪرڻ وارو رونشو سيني ڏنو احتجاج به ٿيا ته ڌرڻا به هڻيا ويا ...

نحوست چهرن ۾ نه، بي انصافيءَ ۾ هوندي آهي!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو جو آغاز آئون انهن لفظن سان ڪريان ٿو ته انقلابِ روس ڪانپوءِ روسي صدر خروشيف روس جي هڪڙي ڳوٺ جو دورو ڪيو جتي هن جي ملاقات هارين سان ڪرائي وئي. هارين سان ملندي هڪڙي پوڙهي هاري ڏانهن متوجهه ٿي صدر خروشيف هُن کان سوال ڪيو، 'ڇا تون هن انقلاب مان خوش آهين؟' هُن پوڙهي هاري صدر خروشيف کي ڏسي نماڻائيءَ سان جواب ڏنو، 'صدر صاحب انقلاب کان اڳ مون وٽ ٻه قميضون هيون ۽ انقلاب ڪانپوءِ مون وٽ صرف هڪڙي وڃي بچي آهي.' هُن پوڙهي هاري جو جواب ٻڌي هڪدم خروشيف چوڻ لڳو، 'انهيءَ تي شڪر ڪريو جو اوهان جي حالت تمام بهتر آهي ورنه آفريڪا ۾ ته هزارين ماڻهو اگهاڙا پيا هلن، جن وٽ جسم ڍڪڻ جي لاءِ اگهڙي به نه آهي.' صدر خروشيف جا اهي لفظ ٻڌي اهو پوڙهو هاري حيرت ۾ ٻڌي صدر خروشيف کي ڏسي چوڻ لڳو، 'صدر صاحب اتي انقلاب ڪڏهن آيو هو؟'

اِها حقيقت آهي يا صرف چوڻي آهي، ڪجهه چئي نٿو سگهجي پر آئون پنهنجي پڙهڻ وارن جي لاءِ عرض ڪريان ته انسان قديم زماني کان وٺي ٻين انسانن جي مختلف مسئلن جي وضاحت ڪرڻ جي لاءِ ڪهاڻيون استعمال ڪندو رهيو آهي، ان بابت ڪو به ٺوس جواب نه آهي ته انهن ڪهاڻين جو بانيڪار ڪير هو ڪهڙي تهذيب پهريون پيرو ڪهاڻيون شروع ڪيون ۽ ڪهاڻين ڪڏهن کان تحريري صورت اختيار ڪئي، انهيءَ بابت ڪا به حتمي راءِ نٿي ڏئي سگهجي پر حقيقت اِها آهي ته دنيا جي سڀني خطن، ملڪن ۽ سماجن جي ادب ۾ ڪهاڻيون موجود آهن ۽ انسان صدين يا هزارن سالن کان ڪهاڻين ذريعي پنهنجي ايندڙ نسل کي اخلاقي، روحاني ۽ مذهبي تعليم ڏيندو رهيو آهي.

هن خطي ۾ شيخ سعدي پهريون پيرو افغانستان، هندستان، وچ ايشيا ۽ ايران جي ڪهاڻين کي گڏ ڪري انهن کي ٻن ڪتابن 'گلستان ۽ بوستان' جي صورت ۾ عوام آڏو آندو ۽ ياد رکو آهي ٻئي ڪتاب هن وقت تائين دنيا ...

واري نه آهي ڇو ته عدالت هن کي تنهنجي گهرواري قرار ڏئي چڪي آهي. طوطي جو اهو جواب ٻڌي چهرو ڪلڻ لڳو ۽ پوءِ مسڪرائي چهري جواب ڏنو، آئون توهان کي هن عدالت ۾ انهيءَ ڪري وٺي آيو آهيان ته جيئن هن ملڪ جي تباهيءَ جو اوهان کي سبب ٻڌائي سگهان. انهيءَ ڪانپوءِ چهرو چوڻ لڳو ته ملڪ ۽ معاشرا چهرن جي نحوست جي ڪري تباهه ناهن ٿيندا، بلڪ انصاف جي گهٽتائيءَ جي ڪري ملڪ تباهه ٿيندا آهن. اڳتي وري چهرو چوڻ لڳو ته هن ملڪ ۾ انصاف نه آهي، انهيءَ ڪري هي ملڪ تباهه ٿي رهيو آهي. انهيءَ ڪانپوءِ آخر ۾ چهري هڪڙو تاريخي جملو چيو هي طوطي کي ڏسي چوڻ لڳو، ياد رکو ته جنهن ملڪ جو نظامِ عدل اٽل ۽ شفاف هوندو آهي، انهيءَ ملڪ کي ڪڏهن به زوالُ ناهي ايندو پر جنهن ملڪ ۾ انصاف نه هجي، قاضي بي ايمان هجي، انهيءَ ملڪ کي دنيا جي ڪا به طاقت تباهه و برباد ٿيڻ کان بچائي نٿي سگهي. غور ڪريو ته چهري طوطي کي چيو هو ته نحوست چهرن ۾ ناهي هوندي، نحوست بي انصافيءَ ۾ هوندي آهي، پوءِ جيڪڏهن معاشري کي تباهي کان بچائڻ چاهيو ٿا ته پوءِ اوهان ملڪ ۾ ڪڏهن به ناانصافي ٿيڻ نه ڏيو. آئون عرض ڪريان ته اسان به انهيءَ طوطي وارو مزاج رکون ٿا ۽ معاشري ۾ اچڻ وارن پريشانن کي ماڻهن جي اعمالن سان ڳنڍيندا آهيون. انهيءَ جو سبب اهو آهي ته اسان پنهنجو فرض پورو نٿا ڪريون ۽ پوءِ اچڻ وارن مصيبتن کي به پنهنجن اعمالن سان ڳنڍي پنهنجي ڪوتاهين کي لڪائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريون ٿا. معاشري ۾ پريشانيون اچڻ ڪانپوءِ پڇتائڻ کان بهتر آهي ته اسان پهريان ئي انهن پريشانين جي اچڻ کان انهن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ اڳرائتا قدم کڻون، ته جيئن انهن کي منهن ...

آخر ڪهڙو سبب آهي جو اسان اڃان تائين پنهنجي معاشري مان پوري طرح بي انصافي ڪڍي ناهيون سگهيا؟ اهو ئي سبب آهي جو اڄ به غيرذميدار ۽ مفاد پرست مضبوط نظر ٿا اچن. اهڙا لاتعداد سوالات هر نوجوان ذهن ۾ پيدا ٿيندا رهن ٿا. اسان کي انهن سوالن جو جواب ڏيڻ سان گڏوگڏ ...

... پر طوطي نه، طوطي حيرت مان پڇيو ڇو؟ اهو ٻڌي چهري چيو ڇاڪاڻ ته هيءَ طوطي منهنجي گهرواري آهي. اهو ٻڌي طوطو تلخ لهجي ۾ چوڻ لڳو ته تون چهرو آهين اسان طوطا آهيون پوءِ طوطي چهري جي گهرواري ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ اهو ٻڌي چهري جواب ڏنو ٺيڪ آهي پاڻ ٿئي عدالت ۾ هلون ٿا ۽ پنهنجو ڪيس قاضيءَ جي عدالت ۾ رکون ٿا پوءِ جيڪو فيصلو قاضي ڏيندو اهو اسان ٻنهي کي قبول ڪرڻو پوندو. پوءِ چهرو، طوطو ۽ طوطي قاضيءَ جي ڪورٽ ۾ ويا ۽ اتي طوطي قاضي جي عدالت ۾ پنهنجو ڪيس داخل ڪيو. قاضي چهري ڏانهن ڏٺو، چهرو اڳتي وڌيو ۽ قسم کڻي چيائين ته آئون سچ چوندس ۽ سچ کانسواءِ ڪجهه به نه چوندس. انهيءَ ڪانپوءِ چهري پاڻ دليل ڏيڻ شروع ڪيا. چهري کانپوءِ طوطو دليل ڏيڻ لڳو ليڪن چهري جي جواب ۾ طوطي جا ڏنل دليل ڪمزور هئا. تنهن ڪري قاضي چهري جي حق ۾ فيصلو ڏئي ڇڏيو. عدالت برخواست ڪئي وئي ۽ پوءِ طوطو روئيندي روئيندي عدالت کان ٻاهر وڃڻ لڳو اهو ڏسي چهري طوطي کي پوئان سڏ ڪيو ۽ سڏي چوڻ لڳو پنهنجي گهرواري کي ته پاڻ سان وٺي وڃ. طوطو اهو ٻڌي حيرت سان چهري کي ڏسڻ لڳو ۽ ڏسندي ڏسندي چوڻ لڳو، هي هاڻي منهنجي گهر

اهو ئي آهي ۽ پوءِ جيڪڏهن انهيءَ جي دوا صحيح تجويز ٿي وڃي ته سمجهو مرض جو مڪمل علاج ٿي ويو' اسان جي معاشري جي بدنصيبي اِها آهي ته جڏهن اسان مرض جي مڪمل تشخيص به ڪري چڪا آهيون پر علاج اڃا اسان شروع ناهي ڪيو سمجهه ۾ اِهو نٿو اچي ته آخر انهيءَ جو سبب ڇا آهي؟ هتي آئون پنهنجي پڙهندڙ نوجوانن جي لاءِ عرض ڪندو هلان ته ياد رکو اسان جي معاشري جو علاج سوچ جي هڪ غير معمولي تبديلي ۾ آهي، ڇاڪاڻ ته فڪر جو مقصد انساني ترقي، خوشحالي ۽ بهتري جو حصول آهي. اسان به پنهنجي معاشري جي تباهي جو ذميدار چهڻ ته چهرن کي پيا قرار ڏيون. اسان پنهنجي اِردگرد پنهنجي ڪردار کي نه پيا ڏسون ته اسان معاشري ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري رهيا آهيون. انهيءَ ڪري آخر ۾ آئون پنهنجي گفتگو انهن لفظن تي ختم ڪندس ته 'آئون چاهيندس ته ماڻهو چون ته آئون هڪ اهڙو شخص هئس جنهن دنيا ۾ پنهنجو فرض نڀايو' اهي لفظ نيلسن منڊيلا پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيا هئا. ملڪ جي آزاديءَ کي 75 سالن کان وڌيڪ جو عرصو گذري چڪو آهي پر اڄ به اٿين ٿي لڳي ٿو ته اسان جڻ ته نازڪ دور مان گذري رهيا آهيون. انهيءَ جو سبب اِهو آهي ته اسان پنهنجا فرض ناهن نڀايا ۽ پوءِ چون ٿا نحوست چهرن ۾ آهي!

آسٽريليا ۽ انڊونيشيا جو نئون دفاعي معاهدو!

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

بحرالڪاهل ۽ ايشيا جي خطي جي ٻن اهم ملڪن آسٽريليا ۽ انڊونيشيا گڏيل دفاعي تعاون ۾ وڌيڪ اضافو ڪرڻ جي لاءِ اڳئين سال يعني 2026ع ۾ هڪ باضابطه معاهدو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ دفاعي لاڳاپن ۾ اضافو ڪرڻ جي فيصلي جو اعلان انڊونيشيا جي صدر پرابوو سوبيانتو جي آسٽريليا جي دوري دوران ڪيو ويو. هُن سڊني ۾ وزيراعظم انٿوني البانيز سان گڏ آسٽريليا جي هڪ بحري اڏي جو دورو ڪيو. هي اِهو بنيادي طور تي ٻه طرفو معاهدو هوندو، جنهن جو مقصد ايشيا ۽ بحرالڪاهل جي خطي ۾ سيڪيورٽي کي درپيش ڪنهن به خطري جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ گڏيل مشاورت ۽ گڏيل قدم آهي، جنهن ۾ ٻنهي ملڪن جي فوج کي هڪٻئي جي سرزمين تي ڪاروواين ۾ حصو وٺڻ جي اجازت به شامل آهي پر اِن معاهدي جا اهم علائقائي ۽ عالمي نقصان به آهن، ڇو ته اِهو معاهدو اهڙن ٻن ملڪن جي وچ ۾ ٿيڻ وڃي رهيو آهي، جن ٻي عالمي جنگ کان اڄ تائين هڪٻئي سان مختلف پرڏيهي ۽ سيڪيورٽي پاليسين تي عمل ڪيو آهي. آسٽريليا جو جهڪاءُ شروع کان ئي مغربي ملڪن جي طرف رهيو آهي. آزادي ڪانپوءِ آسٽريليا برطانوي دولتِ مشترڪ جو ميمبر ۽ ٻي عالمي جنگ ڪانپوءِ امريڪي سربراهي ۾ قائم ٿيڻ واري سيٽو (سائوٿ ايسٽ ايشيا ٽريٽي آرگنائيزيشن) کان علاوه پهرين نيوزيلينڊ سان گڏ امريڪا سان گڏ انزس (ANZUS) ۽ 2021ع کان برطانيا ۽ امريڪا سان گڏ ته ڌري دفاعي معاهدي آڪس (AUKUS) جو ميمبر رهيو آهي. انهن تمام معاهدن ۾ آڪس کي خاص اهميت جو حامل معاهدو سمجهيو ويندو آهي، ڇو ته اُن جي مقصدن ۾ ايشيا پيسفڪ (جنهن کي امريڪا ۽ ڀارت انڊو پيسفڪ سڏڻ تي اصرار ڪندا آهن) جي سڄي خطي ۾ آزاد ۽ کُليل جهاز راني کان علاوه 'سلامتي ۽ استحڪام' کي فروغ ڏيڻ شامل آهي. 'ڊپلوميٽڪ جارگن' ۾ اُن سان مراد دراصل اُن خطي ۾ چين جي وڌندڙ اثر رسوخ کي روڪڻ ۽ ڏکڻ بحر چين جي مسئلي تي چيني موقف جي مخالفت آهي. امريڪا، برطانيا ۽ آسٽريليا آڪس معاهدي تحت پنهنجي اُنهن مقصدن جي حصول ۾ ڪنهن قدر سنجيده آهن، اُن جو اندازو اُن فيصلي مان لڳائي سگهجي ٿو، جنهن تحت آسٽريليا کي ايٽمي آبدوزن سان مسلح ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي.

اُن جي مقابلي ۾ انڊونيشيا شروع کان ئي غير جانبدارانه پرڏيهي پاليسي اختيار ڪئي، 1954ع ۾ جڏهن علائقائي دفاعي معاهدو 'سيٽو' قائم ڪيو ويو ته امريڪي دٻاءَ جي باوجود صدر سڪارنو انڊونيشيا کي اُن معاهدي ۾ شامل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. 1967ع ۾ جڏهن ڏکڻ اوڀر ايشيا ملڪن جي وچ ۾ واپار ۽ دفاعي شعبن ۾ تعاون کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ انڊونيشيا ۽ خطي جي ٻين ملڪن سان گڏ علائقائي تعاون جي لاءِ آسيان جي تنظيم قائم ڪئي وئي ته انڊونيشيا اُن کي هڪ سيڪيورٽي جي بدران معاشي تنظيم جي حيثيت سان اڀارڻ ۾ مدد فراهم ...

جون سرحدون بحر هند جي پاڻيءَ ...

هلندڙ سال مئي ۾ پاڪ-ڀارت ...

موجوده حالتن ۾ بودي شاهه سان هڪ ملاقات



مظهر برلاس

سارو قصور منهنجو آهي، ڪڏهن ملڪ کان ٻاهر ته ڪڏهن شهر کان ٻاهر هوندو آهيان. دنيا جا چڪر ئي ايترا آهن جو ڪنهن هڪ هنڌ ويهي به نٿو سگهجي. هن دوران منهنجي پير ۽ مرشد بودي شاهه جا ڪيترائي پيرا فون آيا ۽ مون هر ڀيري ڪين چيو ته اڄ مان فلاڻي ملڪ ۾ آهيان ۽ اڄ دنيا جي فلاڻي شهر ۾ آهيان. بودي شاهه مون کي هر ڀيري ٻه چار دڙڪا ڏئي غصي مان فون بند ڪري ڇڏيندو هو.

ڪي چيو ته حقي جي چلم کي تازو ڪري ڪٺي اڄ هڪ ملازم کي خاص طور تي سمجهايو ته مردان مان آندل شاندار تماڪو سان چلم تيار ڪري ۽ جلالپور جٽان وارو ڳڙ استعمال ڪري.

مون اهو سڀ ڪجهه انهيءَ لاءِ ڪيو ته بودو ...

آهي جيئن توهان جا حڪمران حفاظتي قدم کڻي رهيا آهن، اهڙي طرح ته عوامي خدمت ناهي ٿيندي.

آئين ڪو به هجي، ...

... اڳ جو بودو شاهه حقو تازو ڪرڻ جو آرڊر ڏي، مون احتياطي ۽ حفاظتي طور (نئين ترميم جيان) ملازم ...

آئيني سڌارن جي چڪر ۾ پيا آهيو، سڌارن جو ڇا ڪرڻو آهي، اوهان ته آئين جو حليو ئي بگاڙي ڇڏيو ...

جو اصل مسئلو ڇا آهي؟" سوال ٻڌندي ئي بودي شاهه پهرين ته ان شخص کي چند پٽي، پوءِ چوڻ لڳو.

عبرت پوسٽ

Ibrat Post

خط: جي متن سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي

اڃا رڻ مان رڙ اچي پئي...!

چوويهين آئيني ترميم ۽ تازو ستاويهين آئيني ترميم جي اچڻ تائين ججز سپريم ڪورٽ جن ۾ خاص طور جسٽس اطهر من الله، جسٽس منصور علي شاهه صاحب جو سندن آئيني فيصلن بدولت سدائين آئين، انصاف ۽ عوام دوست ڪردار رهيو آهي، انهي آئيني بالادستي، جمهوريت ۽ قانون جي رکوالي قانون ۽ آئين جي تناظر ۾ ڪرڻ جي قيمت پڻ انهن آئين، ملڪ، جمهوريت ۽ عوام دوست باضمير ججز چڪائي آهي، جنهن جو مثال جسٽس منصور علي شاهه صاحب کي بطور چيف جسٽس سپريم ڪورٽ جي عهدي کان پاسيرو ڪرڻ پڻ هو پر هتان ججز هميشه انهن هٽڪندن، سختين سان مهاڏو اٽڪائي آئيني بالادستي لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي ۽ تازو هاڻ جڏهن جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله پنهنجي آئيني عهدن تان استعيفا ڏني آهي ...

جهيڙو گهري صورت اختيار ڪري ويو. جمعي جي ڏينهن ٻڌائي برادريءَ جا هٿياربند ڳوٺ امتياز شر تي اوچتو حملو ڪري ڇڏيائون، جنهن ۾ راڪيٽ لانچر ۽ جديد هٿيار استعمال ڪيا ويا. حملي جي نتيجي ۾ ڳوٺ جا ڪيترائي گهر تباهه ڪيا ويا ۽ اندڌاڌنڌ فائرنگ سبب ڳوٺ ۾ پاڄ پئجي وئي. فائرنگ جي ور چڙهي عبدالخالق شر، سندس ٻن نوجوان پٽن خالد ۽ راجا، سندس ڀاءُ عبدالستار ۽ مهمان طور آيل عبدالجبار شر مارجي ويا. ڳوٺ ۾ پنج لاش ڏسي ماحول ڏمرجي ويو ۽ عورتن ٻارن ۾ روڄ پڪار مچي وئي ۽ ٻنهي ڌرين ۾ ڪيترائي ڪلاڪ فائرنگ جو ...

وارثن حوالي ڪيو ويو، جتي مڙهه پهچڻ تي گهرڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ ڳوٺ غم ۾ ٻڏي ويو. هِن سلسلي ۾ اسان جي سول سوسائٽي ۽ حڪومت کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ هي جهيڙا سنڌ جي امن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندا.

سرمد خاصخيلي، حيدرآباد

دهشتگردن کي روڪڻ لاءِ چوڪسيءَ جي ضرورت آهي!

ڪيڊٽ ڪاليج وانا تي ٿيل دهشتگرد حملي ...

CLASSIFIED ADVERTISMENT

خانپورمهر انٽر اسڪول ڪرڪيٽ ٽورناميئنٽ: خانڳڙهه ۽ پائلٽ پبلڪ اسڪول فاتح

خانپورمهر (ن ع) انٽر اسڪول ڪرڪيٽ ٽورناميئنٽ جي ٻئي رائونڊ جي چوٿين مقابلي ۾ گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول خانڳڙهه شاندار راند پيش ڪندي GB گورنمينٽ بوائز هائر سيڪنڊري اسڪول علي مهر کي 16 رنسن تان شڪست ڏئي ڇڏي گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول خانڳڙهه مقرر 8 اوورن ۾ پرپور بيٽنگ ڪندي 128 رنسون 2 وڪيٽن جي نقصان تي ٺاهيون جنهن ۾ عدنان طوفاني بيٽنگ ڪندي 83 رنسون 32 بالن تي ٺاهي سيني کي متاثر ڪيو جڏهن ته اياز مهر به 26 رنسون 13 بالن تي جوڙي ٽيم جي مجموعي اسڪور ۾ اهم حصو ورتو علي مهر طرفان واحد وڪيٽ وقار حاصل ڪئي جواب ۾ گورنمينٽ بوائز هائر سيڪنڊري اسڪول علي مهر 113 رنسون 7 وڪيٽن تي ٺاهي سگهيو وقار 28 رنسون 9 بالن تي اسرار 24 رنسون 10 بالن تي ۽ رحمان 17 رنسون 5 بالن تي ٺاهي تيز انڪونڊيون ۾ ٽيم فتح کان پري رهجي ويئي بالنگ ۾ اياز مهر 3 وڪيٽون وٺي نمايان رهيو جنهن جينتيجي ۾ گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول خانڳڙهه 16 رنسن تان ڪاميابي ماڻي ورتي جڏهن ته ميچ نمبر 3 ۾ پائلٽ پبلڪ اسڪول خانپورمهر بڪمپ بمقابلہ رحمان پبلڪ اسڪول خانپورمهر وچ ۾ مقابلو ٿيو انهي ٽورناميئنٽ جي ٽئين مقابلي ۾ پائلٽ پبلڪ هائي اسڪول خانپورمهر شاندار ڪارڪردگي ڏيکاريندي رحمان اسڪول کي 12 رنسن تان هرايو ان حوالي سان پائلٽ پبلڪ هائي اسڪول خانپورمهر مقرر 8 اوورن ۾ 112/5 رنسون بڻايون جنهن ۾ ڪپيل ڪمار جارحاڻو راند کيهندي 30 رنسون 9 بالن تي ٺاهي جڏهن شيراز 15 رنسن جو حصو ورتو مقابلي ۾ رحمان پبلڪ اسڪول خانپورمهر جي ٽيم 99/7 رنسون ٺاهي سگهيو اويس قادر 32 رنسون 9 بالن تي ۽ دُرپ ڪمار 20 رنسون 10 بالن تي ٺاهي مزاحمت ڪئي پر ڪاميابي حاصل نہ ٿي سگهي جنهن جي نتيجي ۾ پائلٽ پبلڪ هائي اسڪول خانپورمهر 12 رنسن تان فاتح قرار ٿي. انهن مقابلن بعد هائر سيڪنڊري اسڪول خانپورمهر جي پرنسپال عبدالحنان ڪلوڙ تاثرات ڏيندي اسڪولن جي سربراهن کي ٽورناميئنٽ جي ڪاميابي تي خوشي جو اظهار ڪندي چئي ڇڏيو ته "اسان جي سيني اسڪولن جا شاگرد نہ رڳو تعليم ۾ پر راندين ۾ به پنهنجي صلاحيتن جو ثبوت ڏئي رهيا آهن. اهڙيون سرگرميون نہ رڳو سنڌ...

عام اطلاع

هرعام و خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي تہ جٿين تہ آئون موٽر سائيڪلن جو خريد فروخت جو ڪم ڪندو آهيان جٿين تہ منهنجي نالي تي هيٺ ڄاڻايل موٽر سائيڪل رجسٽرڊ آهن جيڪي مون وقتن بہ وقتن فروخت ڪري ڇڏيون آهن پر خريدار اڃان تائين پنهنجي نالي تي ٽرانسفر نہ ڪرايون آهن منهنجو ڄاڻايل موٽر سائيڪلن سان ڪنهن بہ قسم جو ڪو بہ واسطو نہ آهي هر نفي نقصان جو ذميوار انهن جو موجوده مالڪ هوندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جٿين وقت ضرورت ڪم اچي سگهي.

(1)Hi speed/70 (2014) Registration No.KHG-0951,Engine no EMI-A48675,Chassis no SR70-B59549،Colour Black
(2)Super power /70 (2016) Registration No.KJI-1359,Engine no – 1116277,Chassis no SP-1167470,Colour Black
(3)Super power /70 (2020) Registration No.KOC-2041, Engine no - SP-1427127،Chassis no SP-1478245,Colour Black
(4)Road Prince /70 (2019) Registration No.KNG-8834,Engine no - PR70-TE001834,Chassis no PR70-DC001358,Colour Black

سيد افتخار حسين ڪاظمي رهندڙ گهر نمبر 2 محمد طالب ڪالوني لياقت آباد نمبر 2 ڪراچي
شناختي ڪارڊ نمبر 4210106486961

بقايا | 1 | راشد محمود سومرو

جمعيت علماءِ اسلام هارين سان ٺڳندڙ بي راڄين سميت سيني ملڪ دشمن ۽ عوام دشمن منصوبن خلاف هميشہ صف اول ۾ رهي جدوجهد ڪئي آهي ۽ اسان هر وقت عوام سان گڏ آهيون علامہ راشد محمود سومرو چيو تہ چوري ۽ ڏنڊي جي زور تي اقتدار ماڻيندڙ حڪمرانن کان عوام ان وقت...

بقايا | 19 | سبسڊي نہ ملي

جي پوکائي متاثر ۽ پيداوار گهٽ لهڻ جو خدشو وڌي ويو آهي آبادگارن موجب ڊي اي پي ٻاڻ جي 50 ڪلو في بوري 15 هزارن ۾ بليڪ تي وڪرو ٿي رهي آهي، جيڪا ننڍن وڏن آبادگارن لاءِ خريد ڪرڻ مشڪل بڻجي ويو آهي ان مهانگائي سبب ڪيترائي آبادگار پريشاني جو شڪار آهن آبادگارن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي تہ ٻاڻ جي قيمتون گهٽايو وڃن ۽ ضابطو آڻڻ لاءِ موثر قدم کنيا وڃن ۽ ڊي اي پي ٻاڻ جي سبسڊي جي رقم فوري طور جاري ڪئي وڃي، تہ جيئن ڪڻڪ جي پوک وقت سر ممڪن ٿي سگهي ۽ آبادگارن رليف ملي سگهي

بقايا | 20 | احتجاج

چيو تہ 27 آئيني ترميم ۾ سڀ کان وڏي سازش سنڌ صوبي کي ٽوڙڻ جي سازش آهي جيڪا ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪنداسين هنن چيو تہ آخرڪار هن ملڪ ۾ اهڙي قسم جي ترميمن جي ڪهڙي ضرورت آهي جيڪي صوبن وچ ۾ نفرت...

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ
(اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جي مڪمل ملڪيت واري ماتحت ڪمپني)
URAAN PAKISTAN

تصحيح

ٽينڊر نمبر: LP/T-2319/25/ABZ.

پارڪنگ شيڊ لاءِ فائبر شيٽ ۽ پيون 03 شيون

پي پي آر اي جيڪو ويب سائيٽ (TS 7021445) تي 28-10-2025 تي ٽينڊر نمبر LP/T-2319/25/ABZسان اپلوڊ ڪيو ويو ۽ 31-10-2025 تي اخبار (PID K-1497/25) ۾ شايع ٿيو، ٽينڊر ڏيڻ جي تاريخ 18-11-2025 مقرر ڪئي وئي.

هتي اهو اطلاع ڏنو وڃي ٿو تہ ٽينڊر دستاويز ۾ سيڪشن :V گهرجن ۽ ٽيڪنيڪل وضاحتن جي شيڊول ۾ تبديليون ڪيون ويون آهن. ان کان علاوه، ٽينڊر جمع ڪرائڻ جي تاريخ 25-11-2025 تائين وڌائي وئي آهي.

ٻيا سڀئي شرط ۽ ضابطا تبديل نہ ٿيندا.

ڊپٽي جنرل مئنيجر، خريداري کاتو،
پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ
جناح ايونيو ملير هالٽ، ڪراچي 75100 فون021-99248511
www.pspc.gov.pk (ايڪسٽينشن2202-19)

PID K-1677/25

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ
(اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جي مڪمل ملڪيت واري ماتحت ڪمپني)
URAAN PAKISTAN

تجويزن لاءِ گهرائڻ جو نوٽيس(سنگل اسٽيج سنگل لفافي واري طريقي ڪار)

سيل ٽيل آچون معزز سپلائرز / سروس فراهم ڪندڙن کان طلب ڪيون ويون آهن جيڪي ٽيڪس اختيارين سان رجسٽرڊ آهن ۽ ٽينڊر دستاويزن ۾ بيان ڪيل ايف او آر جي بنياد تي هيٺين ڪم لاءِ فعال ٽيڪس ادا ڪندڙ فهرست تي هجڻ گهرائڻ

Tender No.	Bid Doc. Submission	Bid Opening Date & Time	Earnest Money	Description of Job / Items	Qty.
LP/T 2336/25/ ABZ	04-12-2025 11:00 A.M.	04-12-2025 11:30 A.M.	Rs. 330,000/- Fixed	ANNUAL CONTRACT FOR GARDENING SERVICES (AS PER AGREED / APPROVED TORS)	01 JOB (12 months)
				ANNUAL CONTRACT FOR JANITORIAL SERVICES (AS PER AGREED / APPROVED TORS)	01 JOB (12 months)

وضاحتون/BOQ تفصيل لاڳاپيل دستاويزن سان ڳنڍيل آهن.
EPADSذريعي حصو وٺڻ لاءِ تيار بولي ڏيندڙن جي موجودگي ۾ بوليون کوليون وينديون. مشروط/نامڪمل بولي دستاويزن تي غور نہ ڪيو ويندو.
ٻيا شرط ۽ ضابطا ٽينڊر دستاويزن مطابق هوندا.
ٽينڊر جو اشتهار پي پي آر اي ۽ پي ايس پي سي جي ويب سائيٽن www.ppra.org.pk۽ www.pspc.gov.pk تي پڻ ڏسي سگهجي ٿو، جڏهن تہ اسائنمنٽ ۽ ٻين شرطن ۽ ضابطن تي مشتمل مڪمل ٽينڊر دستاويز تفصيلي وضاحت سان EPADS ويب سائيٽ تي ڏسي سگهجي ٿو www.eprocure.gov.pk. تي موجود آهي.
ٽينڊر دستاويزن ۾ ذڪر ڪيل هدايتن مطابق تيار ڪيل اليڪٽرانڪ بوليون مٿي ذڪر ڪيل وقت ۽ تاريخ تائين EPADS ذريعي جمع ڪرائڻ گهرجن. بوليون دستي طور تي قبول نہ ڪيون وينديون. اي-بوليون مقرر ڪيل وقت ۽ تاريخ تي EPADS ذريعي کوليون وينديون.

ڊپٽي جنرل مئنيجر، خريداري کاتو،
پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ
جناح ايونيو ملير هالٽ، ڪراچي 75100 فون021-99248511
www.pspc.gov.pk (ايڪسٽينشن2202-19)

PID K-1698/25

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ
(Wholly owned subsidiary of State Bank of Pakistan)
URAAN PAKISTAN

تصحيح/توسيع

ٽينڊر نمبر LP/T_2335/25

ليزر پرنٽر 9050 جي لاءِ ايم آئي سي آر ٽونر ۽ ليزر ان ڊيلاٽيبل سلوشن ساڻ انهانسر جي فراهمي

حوالو مذڪوره ٽينڊر تاريخ 12.11.2025 تي پي آر اي جي ويب سائيٽ (TS733074E) ۽ PID تي اپلوڊ ڪيو ويو هو. مذڪوره ذريعي سان آگاهہ ڪجي ٿو تہ هاڻ اهو ٽينڊر سنگل اسٽيج، ون انويلپ طريقيڪار جي تحت کوليو ويندو ۽ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ بعد توسيع سان 01.12.2025 مقرر ڪئي وئي آهي، جيڪا پهريان 28.11.2025 مقرر هئي. ٻيا سمورا شرط ۽ ضابطا ساڳيا ئي رهندا.

ڊپٽي جنرل مينجر (پرچيز)

PID (K)-1680/25

سنڌ ڊينگي شدت اختيار ڪري ويو: 24 ڪلاڪن ۾ 184 نوان ڪيس ظاهر، 2 ڄڻا فوت

سرڪاري اسپتالن ۾ 249 ۽ خانگي اسپتالن ۾ 160 ڊينگي مريض علاج هيٺ، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مخصوص بيڊس موجود

گذريل ڏينهن دوران 191 مريض صحتياب ٿي گهر موڪليا ويا، 24 ڪلاڪن ۾ 4,598 ڊينگي ٽيسٽون، 828 مثبت

صفائي، پاڻي جي ٽانڪن جي سار سنڀال ۽ مڇرن جي واڌ روڪڻ لاءِ احتياطي قدم کڻو: صحت کاتو

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) صوبي سنڌ ۾ ڊينگي جي صورتحال بابت صوبائي ڊائريڪٽوريٽ جنرل صحت سنڌ پاران جاري ڪيل رپورٽ موجب گذريل 24 ڪلاڪن دوران... سرڪاري اسپتالن ۾ 249 ۽ خانگي اسپتالن ۾ 160 مريض علاج... بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

راولپنڊي: پاڪستان ۽ سريلنڪا جي وچ ۾ ميچ دوران سريلنڪا جي بيٽسمين رن آئوٽ ٿيڻ تي پاڪستاني رانديگر خوشي جو اظهار ڪري رهيا آهن

27 ترميم ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته حڪمران پاڻ بچائڻ جا جتن ڪري رهيا آهن: راشد محمود سومرو

هتي ڪي ڪين ياد رکڻ گهرجي ته نه هو خدا جي عدالت کان بچي سگهن ٿا ۽ نه ئي عوام جي عدالت کان بچي سگهندا

چوري ۽ ڌنڌلي جي زور تي اقتدار حاصل ڪندڙ حڪمرانن کان عوام ان وقت ۾ نفرت ڪئي ۽ هاڻي ۾ انهن حڪمرانن کان نفرت ڪري پئي

باڊهه: جي يو آءِ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري علامه راشد محمود سومرو، شهري سفر سالن کان احتجاج ڪري رهيا آهن... بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پروفيسر ڊاڪٽر محمد خالد شيخ پروفيسر ڊاڪٽر صادق ميمڻ ۽ پروفيسر ڊاڪٽر ناظر مسعود شڪر جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا آهن

ڪمال ديرو ويجهو نوجوان کان ڦر جي ڪوشش، مزاحمت تي گولي هڻي زخمي، اسپتال منتقل

ڪمال ديرو (ن ع) ڪمال ديرو جي ويجهو... بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد جي پاڙي ۾ ڌاڙيلن جو حملو، عدالت جي حڪم تي پوليس جي ڪارروائي

جيڪب آباد... بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ تيز رفتار موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب هڪ جو فوت، گهر ۾ ڪهرام

خيرپور (ن ع) خيرپور لڳ پوليس ٽريننگ سينٽر ويجهو تيز رفتار موٽرسائيڪل سلپ ٿيڻ سبب... بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

باڊهه: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو سيرت النبي ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

ميرپور ماٿيلو ۾ ٽيڪيدار جي مبينا زيادتين خلاف آبادگارن جو احتجاج

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ڊپٽي ڪمشنر ڪيماڙي ... کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ڪراچي جو 9 ورهين جو شاگرد عالمي تعليمي ڪارڪردگي بابت اعزاز حاصل ڪري چڪو

شاگرد عاشر پاڪستان امريڪن ڪاليج سينٽر ۾ 18 مهينن ۾ انگريزي ڊپلوما مڪمل ڪيو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر ۾ صحت کاتي پاران روبيلا ۽ ارڙي کان بچاءَ ۽ ويڪسينيشن لاءِ آگاهي سيمينار

صحت کاتي ۽ ضلعي انتظاميا عوام کي بروقت ويڪسينيشن ۽ حفاظتي ٽڪن جي اهميت بابت آگاهي ڏني

بروقت ويڪسين ٻارن کي نمونيا، دماغي سوزش ۽ موت کان بچائي سگهي ٿي: ڊاڪٽر سيد صفدر علي شاهه

ضلعي انتظاميا ۽ صحت کاتو گڏجي گهر گهر شعور پهچائڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهن: اي سي شاڪر فهيم

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور واسين جو پوليس خلاف پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج

پوليس رات جو گهر ۾ داخل ٿي عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد ڪيو، مظاهرين

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ منشيات ۽ ڌوهارين خلاف آپريشن، 12 کان وڌيڪ گرفتار

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڏکڻ ۾ سروس پمپ تي ڪر ڪندڙ نوجوان تي ڌاڙيلن جو حملو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ ٽرڪ جي موٽرسائيڪل ٽڪر، هڪ جو فوت، گهر ۾ ڪهرام

پيلار قومي شاهراهه غوثيه هوٽل سامهون ٽرڪ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ ڳوٺ واري ڏڏو واسي علي چاچڙ موقعي تي فوت ٿي ويو

لاش اسپتال منتقل، ڪارروائي بعد وارثن حوالي، پوليس ٽرڪ کي تحويل ورتو

بدين جو نامياري فنڪار استاد بادل راهي بيماري سبب بسترجي پيو

استاد بادل راهي جي حالت بهتر نه ٿيڻ تي حڪومت علاج ڪرائي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

نيو جتوئي پوليس ڪارروائي، جهيڙي جي ڪيس ۾ روپوش جوابدار گرفتار

شڪارپور صحت کاتي طرفان خسرو ۽ روبيلا جي بچاءَ جي قومي مهم بابت سيمينار

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ ڏڦ ڪانگي ۽ ماحول دوستي جي آگاهي مهم، سماجي اڳواڻ ۽ شاگردن ڪوڙ ڪٽيا

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

بدين: وڪيل 27 آئيني ترميم خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪنڊڪوٽ ۾ 27 ترميم خلاف جسٽم جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بئنر کڻي ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو ۾ ارڙي ۽ روبيلا کان بچاءَ جي ويڪسينيشن مهم جون تياريون مڪمل

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ۾ ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي، ڊرائيور سميت پنج ڄڻا زخمي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ يونيورسٽي آف ماڊرن سائنسز پاران شوگر جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سيمينار

بيماري جي بنيادي سبب سان هڪ جسم ۾ انسولين جي ڪوٽ يا انسولين جو صحيح استعمال نه ٿيڻ آهي: اقبال ميمڻ

شوگر بيماري جي عالمي ڏينهن جو مقصد عوام ۾ هن بيماري بابت شعور پيدا ڪرڻ آهي: ڊاڪٽر نيڪا رام

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: ڊپٽي ڪمشنر شڪيل ابڙو ۽ ٻيا ارڙي ۽ روبيلا کان بچاءَ بابت جاڳرتا سيمينار ۾ شريڪ آهن

پشاور: عورتن جي ادبي ميلي ۾ فيشن شو دوران ماڊل ڪيٽ واڪ ڪري رهيون آهن

شڪارپور ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ، هڪ جو قتل، ٻه ڄڻا زخمي

شجراه برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار تان ٻنهي ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو

گولين لڳڻ سبب سراج شجراه موقعي تي مارجي ويو، جڏهن ته ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سيٺاريجا پرسان بن ڳوٺان جو 8 بڪرين چوري، متاثرن جو احتجاج

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ نامعلوم هٿياربندن نوجوان کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو

لقمان جي غازي چوڪ وٽ هٿياربندن غلام مهدي ابڙو کي گوليون هڻي فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

ڪراچي: سجاول اليون ۽ ٽي ٽي اسٽارز جي وچ ۾ ميچ دوران فاتح ٽيم جي ڪپتان کي ٽرافي ڏني پئي وڃي

مورو پوليس ڪارروائي، قتل ڪيس جو جوابدار گرفتار، پسٽل برآمد

ايس ايڇ او علي اڪبر ڪارروائي ڪري صادق حسين ولد شاهنواز ميراسي گرفتار ڪيو

جاچ دوران 30 بور پسٽل ۽ ميگزين هٿ آيا، ڪيس داخل ڪري جوابدار جيل موڪليو

باڊهه ۾ علي گل سيال جي بازيابي لاءِ وارثن جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي

جهڳڙن ڪيس آهي ته ڪورٽ ۾ پيش ڪيو، ڪنهن کي ڪرڻ ظلم

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

وفاقي محتسب حيدرآباد پاران سنڌ يونيورسٽي ۾ وفاقي محتسب جي ادارن بابت آگاهي سيشن

وفاقي محتسب جي ادارن جو مقصد عوامي شڪايتن جو بروقت ازالو ڪرڻ آهي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: ڊپٽي ڪمشنر منظور احمد ڪنراني اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

نوشهرو فيروز ۾ غلام مرتضيٰ جي خلاف ڪيس، معسرو جتوئي ڪيسن جي پيٽيشن 2 نومبر تائين ملتوي

نصيرآباد ۾ پوليس اهلڪار جي مبينا ڇيڙ ڇاڙ خلاف نجي اسڪول جو احتجاج

لاڙڪاڻي ۾ عورت جو پنهنجي گهر تيل مٽي جي گولا لاءِ احتجاج

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

مورو پرسان اوچتو باهه لڳڻ سبب 4 گهر سڙي رک

گهرن ۾ پيل سونا زيور، روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي خاڪ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺاڻي جو هرڻ جي شڪار خلاف احتجاج

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي وڪيلن پاران 27 آئيني ترميم خلاف احتجاج

بار ڪائونسل پريس ڪلب خيرپور تائين ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ لاڏائو ڪٽنب چنگچي تي سفر ڪري رهيو آهي

اسلام آباد: هڪ پيرسن ٻڍڙو رڪشي تي گهر ڪندو وڃي رهيو آهي

نصيرآباد: عورتون مطالبن جي نعرا لاءِ احتجاج ۾ شريڪ آهن

هالا ۾ استاد جي قتل خلاف احتجاج ڪندڙ وارثن سميت 400 ماڻهن تي ڪيس داخل، عورتون به نامزد

ايس ايڇ او جي فرياد تي قومي شاهراهه بلاڪ ڪرڻ، ڊيوٽي اٽڪائڻ، پوليس تي فائرنگ جو ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪيس ۾ سهيل لاکو جي ڀاءُ جان سميت ذوالفقار جان ذوالفقار ۽ 10 سڄاڻل عورتون ۽ سوين نامعلوم ماڻهن خلاف داخل ڪيو ويو

مقتول استاد جي وارثن مطالبو ته هڙتال دهشتگردي جو ڪيس داخل ٿيڻ تي وارثن ۽ شهرين ۾ ٻيجيني پکيڙجي وئي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ملڪ ۾ سياسي ۽ آئيني بحران، غربت ۽ تعليم جو معيار تباهه آهي: لال ماهي

بلوچستان ۾ ٽريننگ، ها بڻ بند، اسلام آباد ۽ ٻه ٺاهي سان ۽ ذائيل ۾ قائم آهي

ملڪ ۾ غربت وڌڻ تعليمي نظام تباهه، حڪمران رڳو پنهنجي تحفظ ۽ بچت ۾ مصروف آهن

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ٽريي ميرواهه جي آبادگارن کي سنڌ حڪومت پاران اعلانيل سبسڊي نه ملڻ

ڪڻڪ جي پوکائي لاءِ ڊي اي پي ۽ يوريا جي اعلانيل سبسڊي آبادگارن لاءِ خواب بڻيل

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

شهدادپور پوليس مشتاق گرفتار ڪيل ٻه جوابدار عدالت پيش، نوابشاهه منتقل

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

استاد جي قتل ڪيس ۾ ٻه جوابدارن جي حفاظتي ضمانت منظور

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ محبت ۽ شادي جو تڪرار دوران فائرنگ، موٽر سائيڪل سوار ڪٽيو، فورن زخمي

قرعي ڪرشي دوران ڌاڙيلن جو هڪ ڪاروائي ۾ موٽر سائيڪل تي اڳ ڳوليون، زخمي اسپتال منتقل

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

وڳن ۾ عورت جو پوليس ۽ بااثر جي ظلم خلاف احتجاج

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڪينٽونمينٽ گرائونڊ تي بيٺل پاڻي ۾ لڏ پکين جو ولر

خيرپور ۾ لاڙڪ سرڪاري عمارتن ۽ زمينن جي رپورٽ تيار ڪرڻ جو فيصلو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو لڳ ڳوٺ سعيد خان چانڊيو ۾ هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جي ڪئمپ لڳائي وئي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو مستي پرسان انڪائونٽر پرسان پوليس جي ڪارروائي، ڪرنل ۽ موبائيل فون سميت گرفتار

ڪڍي ياسين ۾ ويڪسينيٽر جو ڦر ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ملڻ

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ بلڊ شوگر عالمي ڏينهن تي موبائيل ڪيمپ قائم، هزار کان وڌيڪ ماڻهن جا ٽيسٽ ڪيا ويا

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ ننڍڙو ٻار پنهنجي ٻڪرين جو ريڙهي تي روڊ ڪناري ويٺل آهي



حيدرآباد: ريڊيو پاڪستان ۾ ٻاهران فوت ٿيل جي لاڏائو قبيلي جا ماڻهو مجرائين ڪري سنبال آهن

هي اخبار پرنٽر پبلشر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي